جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
كراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | اڱارو 10 نومبر 2026ع بمطابق 29 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 30

وڏي وزير كي بي فيڊر جي لائيننگ ۽ كي فور منصوبي ذريعي كراچي جي پاڻي جي فراهمي كي وڌائڻ لاءِ كوششون تيز

واهن جي نظام ۾ پاڻي جي نقصان كي گهٽائڻ، پاڻي پهچائڻ جي صلاحيت كي وڌائڻ ۽ كي فور منصوبي تحت فراهمي جي انتظامن كي مضبوط كرڻ شامل آهي

كي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ هن حكمت عملي جو هڪ اهم حصو آهي چاكاڻ ته واهه جي صلاحيت ۾ بهتري سان قيمتي پاڻي جي بچت ٿيڻ ۽ كراچي لاءِ موجود پاڻي جي مقدار ۾ اضافو ٿيڻ جي اميد آهي

وڏي وزير انهن كمن تي پيش رفت، كينجهر ڍنڍ ۾ پاڻي جي ذخيري جي صورتحال ۽ كوٽڙي بئراج جي فيزيبلٽي جو جائزو ورتو لاڳاپيل كاتن كي هدايت

آبپاشي واري وزير جام خان شورو ۽ سيكريٽري آبپاشي ظريف كهڙو كي فور سان لاڳاپيل كي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ جي كمن جي اڳڀرائي

پاڻي پهچائڻ جي بهتر صلاحيت ذريعي امكاني پاڻي جي بچت ۽ كينجهر ڍنڍ ۾ پاڻي جي ذخيري ۽ دستيابي جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

هن اجلاس كي كوٽڙي بئراج جي فيزيبلٽي رپورٽ ۽ صوبي جي طويل الميعاد پاڻي جي انتظاميا ۽ سيكيورٽي لاءِ ان جي اهميت بابت پڻ بريفنگ ڏني

كراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه كراچي جي پاڻي جي فراهمي كي بهتر بڻائڻ لاءِ كيترن ئي قدمن تي عمل كري رهيو آهي جنهن ۾ واهن جي نظام ۾ پاڻي جي نقصان كي گهٽائڻ، پاڻي پهچائڻ جي صلاحيت كي وڌائڻ ۽ كي فور منصوبي تحت فراهمي جي انتظامن كي مضبوط كرڻ شامل آهي. كي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ هن حكمت عملي جو هڪ اهم حص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

غزه ۾ فلسطيني عوام كي انساني امداد كان محروم ركڻ جا اسرائيلي قدم مذمت جوڳا آهن: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف غزه جي بهادر فلسطيني عوام كي بنيادي انساني امداد كان محروم ركڻ لاءِ اسرائيل جي طرفان مسلسل غيرقانوني قدمن تي ڳڻتي جو اظهار كيو

غزه ۾ خيمن جي پاڻي هيٺ اچڻ، بي گهر فلسطيني ٻارن جي بي يارو مددگار ٿيڻ، سخت سردي ۽ بک كي منهن ڏيڻ جا دل ڏكوئيندڙ منظر انتهائي افسوسناڪ آهن: وزيراعظم شهباز شريف

جنگ بندي جي ڀڃڪڙين، بين الاقوامي قانونن جي لتاڙ ۽ فلسطيني عوام خلاف اسرائيل جي مسلسل جارحيت جي سخت مذمت كريون ٿا

انساني امداد جي فوري فراهمي ۾ واڌ لاءِ سمورا ممكن ذريعا كتب آندا وڃن ياد رهي ته غزه ۾ سخت برسات سبب 70 هزار خيما پاڻي هيٺ اچي ويا آهن : وزيراعظم جي پرڏيهي وزارت كي هدايت

جنهن سان 3 لک 50 هزار بي گهر ماڻهو متاثر ٿيا، حماس خيمن جي پاڻي هيٺ اچڻ كي اسرائيلي محاصري جو نتيجو قرار ڏنو سخت برسات غزه جي محاصري جي سنگيني بي نقاب كري ڇڏي آهي

اسرائيل ۽ امن كونسل غزه ۾ بي گهر ماڻهن جي مشكلاتن جا ذميوار آهن. انساني امداد جي فراهمي ۾ ركاوٽون انساني بحران كي وڌيك گهرو كري رهيون آهن

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف غزه جي بهادر فلسطيني عوام كي بنيادي انساني امداد كان محروم ركڻ لاءِ اسرائيل جي طرفان مسلسل غيرقانوني قدمن تي ڳڻتي جو اظهار كيو آهي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته غزه ۾ خيمن جي پاڻي هيٺ اچڻ، بي گهر فلسطيني ٻارن جي بي يارو مددگار ٿيڻ، سخت سردي ۽ بک كي منهن ڏيڻ جا دل ڏكوئيندڙ منظر انتهائي افسوسناڪ آهن هن چيو ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ايران سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر حملي جا امكان گهٽجي ويندا: آمريكي صدر

ايران تي حملي جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته تهران معاهدو كري ٿو يا نه. ضرورت پئي ته ايران تي ٻيهر حملو ضرور كيو ويندو

ايران كي سندس سوچ كان وڌيك نقصان پهتو آهي ايران ۾ 38 پلن جي نشاندهي كئي وئي آهي

صدر ٽرمپ هر مسئلي جو سفارتي حل چاهي ٿو، پر ايران جا كجهه مطالبا غيرمعقول ۽ حقيقتن كان پري آهن

واشنگٽن (م د) آمريكي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران سان ڳالهين ۾ اڳڀرائي ٿيڻ جي صورت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

شاعرِ مشرق پنهنجي شاعريءَ ذريعي مسلمانن ۾ خودي، خوداعتمادي ۽ آزاديءَ جو شعور بيدار كيو: شرجيل انعام ميمڻ

علامه اقبال جو فكر ۽ فلسفو غلامي، مايوسي ۽ احساسِ كمتريءَ مان نكري پنهنجي صلاحيتن كي سڃاڻڻ ۽ انهن تي اعتماد كرڻ جو پيغام ڏئي ٿو

سندس شاعري رڳو ادب ناهي، پر هڪ فكري تحريڪ آهي، جنهن مسلمانن كي پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ كرڻ جو تصور ڏنو

كراچي (رپورٽر) علامه محمد اقبال جي سالگره جي موقعي تي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

پشاور: ڊي جي ايس آءِ ايف سي اجلاس جي صدارت كندي

ايڊيشنل آءِ جي كراچي آزاد خان جي حكمن تي شهر ۾ ڏوهاري خلاف پوليس جون كارروايون جاري

كراچي پوليس گذريل هفتي دوران مختلف علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف 43 پوليس مقابلا كيا، جن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 6 ڌاڙيل مارجي ويا

گذريل هفتي ايسٽ، ويسٽ ۽ سائوٿ زونز ۾ مختلف كارروايون دوران مجموعي طور تي 889 كان وڌيك جوابدارن كي گرفتار كيو ويو

پوليس مقابلن ۽ ٻين كارروايون دوران گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 60 مختلف قسمن جا غيرقانوني هٿيار ۽ 27 موٽرسائيكلون هٿ كيون ويون

كراچي (رپورٽر) ايڊيشنل آءِ جي كراچي آزاد خان جي حكمن تي شهر ۾ ڏوهاري عنصرن خلاف پوليس جون كارروايون جاري آهن كراچي پوليس گذريل هفتي دوران مختلف علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف 43 پوليس مقابلا كيا، جن دوران فائرنگ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسرائيل آمريكي انتظاميه كي مسلسل ڏگهين جنگين ۾ ڌكي رهيو آهي: عباس عراقچي

آمريكي صدر ڄاڻن ٿا ته آمريكي عوام جي اكثريت اسرائيل كان سخت ناراض آهي

ٽرمپ عوامي ناراضگي جي سببن كي سمجهڻ ۾ مونجهاري جو شكار نظر اچن ٿا

آمريكي عوام اسرائيل جي طرفان آمريكا كي نه ختم ٿيندڙ جنگين ۾ ڌكڻ كان تنگ اچي چكا آهن

تهران (م د) ايراني وزير خارجه عباس عراقچي چيو آهي ته اسرائيل آمريكي انتظاميه كي مسلسل ڏگهين جنگين ۾ ڌكي رهيو آهي جنهن كان آمريكي عوام تنگ اچي چكا آهن آمريكي نشرياتي اداري سي بي ايس تي ڊونلڊ ٽرمپ جو تفصيلي انٽرويو نشر ٿيڻ كان كجهه كلاكن بعد ايراني وزير خارجه عباس عراقچي ان جي هڪ حصي تي ردعمل ڏنو آهي، انٽرويو ۾ ٽرمپ چيو هو ته اي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

سنڌ رهبر كميٽيءَ جو 22 نومبر تي كراچيءَ ۾ وحدتِ سنڌ مارچ جو اعلان، قوم كي ڀرپور شركت جو سڏ

جيئي سنڌ رهبر كميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآباد ۾ سخي ستار ڏنو چوليائي هائوس تي كميٽي جي سربراه ۽ چيئرمين جيئي سنڌ محاذ رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

22 نومبر تي كراچي ۾ وڏي عوامي طاقت جو مظاهرو كندي وحدت سنڌ مارچ كيو ويندو : رياض چانڊيو

آفاق جو ماضي جيكو به رهيو هجي، پر سندس بيان جي آجيان كريون ٿا. هن سنڌ واسين كي 22 نومبر تي كراچي ۾ اعلانيل مارچ ۾ ڀرپور شركت جي دعوت پڻ ڏني

هاڻي اهي ارادا پڌرا ٿي چكا آهن ته كين سمنڊ، درياهه، كوئلو ۽ معدنيات ته گهرجن، پر سنڌ جا ماڻهو نه ٿا گهرجن

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري بابت جيئي سنڌ رهبر كميٽي 22 نومبر تي كراچي ۾ وڏي عوامي طاقت سان وحدت سنڌ مارچ كرڻ جو اعلان كيو آهي. جيئي سنڌ رهبر كميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآبا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

كراچي: شهيد انسپيكٽر جاويد ابڙو جي جنازي نماز ادا كئي ٿي وڃي

شائسته عباس ڏگهي عرصي تائين كينسر سان جهيڙيندي اڄ لنڊن جي اسپتال ۾ لاڏاڻو كري وئي

لنڊن (م د) پاكستاني اداكارا ميرا جي ننڍي ڀيڻ شائسته عباس ڏگهي عرصي تائين كينسر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

شيخ حسينه جلاوطني جي لڳ ڀڳ ٻن سالن بعد وطن واپسي لاءِ نئين پاسپورٽ جي حصول جي درخواست ڏئي ڇڏي

نئين دهلي (م د) بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه جلاوطني جي لڳ ڀڳ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

كراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ ناني سان گڏ موٽر سائيكل تي سفر كندڙ ننڍڙي نياڻي لغڙ جي ڏوري گلي ۾ ڦاسڻ سبب فوت

كراچي (رپورٽر) كراچي جي علائقي لياقت آباد ۾ ناني سان گڏ موٽر سائيكل تي سفر كن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

علامه محمد اقبال جو 149 هون جنم ڏينهن گذريل ڏينهن سڄي ملك ۾ ملهايو ويو

ان موقعي تي علامه اقبال جي مزار تي گارڊن جي تبديلي واري پروقار تقريب منعقد كئي وئي

صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پڻ علامه محمد اقبال كي سندس خدمتن ۽ فكر تي ڀيٽا پيش

لاهور (رپورٽر) علامه محمد اقبال جو 149 هون جنم ڏينهن گذريل ڏينهن سڄي ملك ۾ ملهايو ويو، ان موقعي تي علامه اقبال جي مزار تي گارڊن جي ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جيئي سنڌ رهبر كميٽي جو 22 نومبر تي كراچي ۾ وڏي عوامي طاقت سان وحدت سنڌ مارچ كرڻ جو اعلان

جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين شبير جمالي شركت

اجلاس ۾ فيصلو كيو ويو ته 22 نومبر تي كراچي ۾ وڏي عوامي طاقت جو مظاهرو كندي وحدت سنڌ مارچ كيو ويندا

آفاق جو ماضي جيكو به رهيو هجي، پر سندس بيان جي آجيان كريون ٿا. هن سنڌ واسين كي 22 نومبر تي كراچي ۾ اعلانيل مارچ ۾ ڀرپور شركت جي دعوت پڻ ڏني

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي وحدت ۽ خودمختياري بابت جيئي سنڌ رهبر كميٽي 22 نومبر تي كراچي ۾ وڏي عوامي طاقت سان وحدت سنڌ مارچ كرڻ جو اعلان كيو آهي. جيئي سنڌ رهبر كميٽي جو سربراهي اجلاس حيدرآباد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس جي صدارت كندي

ايران جنگ ختم كرائڻ لاءِ ٽرمپ، شي جن پنگ ۽ پيوٽن ۾ ملاقات جو امكان

عوام ترقي، خوشحالي ۽ عوامي خدمت جي ايجنڊا تي اعتماد كيو : وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ن ليگي اميدوارن راشد بشير ورك ۽ اسد حنيف كي كاميابي تي مباركباد ڏنيهن چيو ته عوام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ٻولي ۽ قوم بدران عوامي سهولتن كي بنياد بڻائي نوان انتظامي يونٽ ٺاهيا وڃن: خواجا آصف

سندس خيال ۾ پاكستان ۾ ٻه انتظامي يونٽ ٺاهڻ گهرجن، جيكڏهن 12 يونٽن جي تجويز آهي ته 12 ئي ٺاهيا وڃن، پرانهن جي جوڙجڪ ٻولي، قوم يا سياسي مفادن كي نظر ۾ ركي نه كئي وڃي

صوبن جي نئين سر جوڙجڪ بابت تجويز گذريل ٻن مهينن كان بحث هيٺ آهي. سڄي دنيا ۾ انتظامي يونٽ ٺاهيا ويندا آهن، پاكستان جي آبادي وڌي وئي آهي ۽ ماڻهن كي سهولتون فراهم كرڻ ضروري آهي

افغانستان ۾ 8 كان 10 صوبا هئا، جن كي ورهائي 30 كان 32 صوبا بڻايا ويا. صوبائي راڄڌاني وارن شهرن جا اختيار انتظامي يونٽن ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجن

سيالكوٽ (م د) ٻچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته سندس خيال ۾ پاكستان ۾ ٻه انتظامي يونٽ ٺاهڻ گهرجن، جيكڏهن 12 يونٽن جي تجويز آهي ته 12 ئي ٺاهيا وڃن، پر انهن جي جوڙجڪ ٻولي، قوم يا سياسي مفادن كي نظر ۾ ركي نه كئي وڃي، خانگي ٽي وي ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته صوبن جي نئين سر ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

كراچي: اسپيكر قومي اسيمبلي سردار اياز صادق جو سنڌ اسيمبلي ۾ آمد جي موقعي تي استقبال كيو پيو وڃي

علامه اقبال برصغير جي تاريخ جي هڪ عظيم علمي ۽ ادبي شخصيت هئا: ڊاكٽر شام سندر آڏواڻي

جن پنهنجي فكر، فلسفي ۽ شاعريءَ ذريعي مسلمانن ۾ خودي، خودداري، اتحاد ۽ آزاديءَ جو شعور بيدار كيو

سندس تصورِ پاكستان اهڙي معاشري جي بنياد هو، جتي سڀني شهرين كي مذهب، رنگ ۽ نسل كان مٿانهون ٿي

كراچي (رپورٽر) پاكستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ڊاكٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ايران خلاف جنگ شروع كرڻ جو فيصلو درست هو: ماركو روبيو

صدر ٽرمپ جوهري هٿيارن سان ليس ايران جي حقيقي خطري جي نشاندهي كندي ان جو مقابلو كيو

ملك جي سلامتيءَ كي درپيش ڏكين چئلينجن كي منهن ڏيڻ ضروري هوندو آهي

واشنگٽن (م د) آمريكي پرڏيهي وزير ماركو روبيو ايران خلاف جنگ شروع كرڻ بابت صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي فيصلي جو دفاع كندي ان كي درست ق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

بنون ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ، 3 ڄڻا مارجي ويا

مارجي ويلن ۾ 2 ڀائر پڻ شامل آهن، جن جا لاش اسپتال منتقل كيا ويا آهن

واقعو پراڻي دشمنيءَ سبب پيش آيو، جنهن جي وڌيك جاچ جاري آهي

بنون (م د) بنون جي علائقي جهنڊوخيل ۾ پراڻي دشمنيءَ تان ٻن ڌرين وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب، مارجي ويلن ۾ 2/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

بلوچستان كان كراچي منشيات اسمگل كرڻ جي كوشش ناكام 51 كلوگرام چرس هٿ

آر سي ڊي هاءِ وي تي كارروائي دوران گجرن جي آڙ ۾ منشيات كراچي منتقل كئي پئي وئي

چرس مزدا ٽرڪ نمبر ٽي كي ٽي 358 جي ڳجهن خانن ۾ لكائي وئي هئي

كراچي (رپورٽر) پاكستان كسٽمز انفورسمينٽ انسداد اسمگلنگ مهم تحت ڳجهي اطلاع تي كارروائي كندي بلوچستان كان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

آمريكي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ مدي وارين چونڊن ۾ شكست جا سبب بيان كري ڇڏيا

آمريكي عوام ۾ اسرائيل لاءِ شديد ناپسنديدگي موجود آهي ڊونلڊ ٽرمپ جي دعويٰ

مان پاڻ چونڊ ميدان ۾ هجان ها ته نتيجا بلكل مختلف هجن ها آمريكي صدر اعتراف كيو آهي

واشنگٽن (م د) آمريكي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ مدي وارين چونڊن ۾ شكست جا سبب بيان كري ڇڏيا هڪ بيان ۾ ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته آمريكي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

بارون رائل سٹی فیز II علاقائی آگ سے بچاؤ کی تربیتی ورکشاپ
رہائشیوں کے لیے عملی تربیت
یوم اقبال کے موقع پر
كراچي: سول ڊفينس گروپ ٻاران گلستان جوهر جي رهائشين لاءِ شهري دفاع جي عمل تربيت فراهم كئي پئي وڃي

كراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاه اجلاس جي صدارت كندي

علامه محمد اقبال كي نوجوان نسل تي غيرمعمولي اعتماد هو: وزيراعظم

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته علامه محمد اقبال كي نوجوان نسل تي غيرمع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

لاهور: مزار اقبال تي گارڊز جي تبديليءَ جي پروقار تقريب

لاهور (م د) مزار اقبال تي گارڊز جي تبديليءَ جي پروقار تقريب منعقد كئي وئي، جنهن ۾ پاكس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

علامه اقبال جي نظرئي تي عمل ئي مضبوط ۽ خودمختيار پاكستان جو بنياد آهي: مراد علي شاه

مفكرِ پاكستان جو خودي جو پيغام ، يقينِ محكم، مسلسل جدوجهد ۽ بلند حوصلي جي علامت آهي

علامه اقبال جي نظرئي ننڍي كنڊ جي مسلمانن ۾ آزادي ۽ الڳ قومي سڃاڻپ جو شعور بيدار كيو

كراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

شهيد انسپيكٽر جاويد ابڙو جي نماز جنازه پوليس هيڊكوارٽرز گارڊن، ڏكڻ ۾ ادا كئي وئي

ايس ايس پيز سي ٽي ڊي، ايسٽ، ملير ۽ اي وي ايل سي سميت شهيد جي عزيزن ، وارثن ۽ علائقي وارن شركت

ان موقعي تي ايس ايس پي ملير شهيد انسپيكٽر جي سروس كيريئر ۽ ڏوهن خلاف سندس نمايان خدمتن تي مختصر روشني وڌي

كراچي (رپورٽر) شهيد انسپيكٽر جاويد ابڙو جي نماز جنازه پوليس هيڊكوارٽرز گارڊن، ڏكڻ ۾ ادا كئي وئي، جنهن ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم او/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

علامه محمد اقبال تحريڪ پاكستان جو بنياد ركيو: پروفيسر احسن اقبال

لاهور (م د) رٿابندي واري وفاقي وزير ڊاكٽر پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته علامه محمد اقبال اسان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

سنڌ سركار جو ٿرپاركر جي ڏكار متاثرن كي بينظير انكم سپورٽ پروگرام جي ڊيٽابيس تحت مالي امداد فراهم كرڻ جو فيصلو

ٿرپاركر ۾ ڏكار واري صورتحال كي نظر ۾ ركندي غريب خاندانن جي مالي مدد لاءِ پروگرام تيار كيو ويو آهي : روبينا خالد

مستحق ماڻهن جي سروي اڳ ئي مكمل ٿيل آهي ۽ 32 كان گهٽ اسكور ركندڙ ماڻهن كي مالي امداد ڏني پئي وڃي

كراچي (رپورٽر) سنڌ سركار ٿرپاركر جي ڏكار متاثر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: صوبائي وزير چوڌري شافع حسين جو راولپنڊي چيمبر آف كامرس اينڊ انڊسٽري جو وفد ملاقات كندي

اياز صادق جي اويس قادر شاه سان ملاقات، سنڌ اسيمبلي جو دورو

گڏيل دلچسپي جي معاملن، ملك جي موجوده سياسي صورتحال ۽ قانونسازي بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ كئي وئي

ان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جو سيكريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريكٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ موجود هئا

ٻنهي اسپيكرن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين وچ ۾ سهكار كي هٿي وٺرائڻ، پارلياماني ادارن كي وڌيك مضبوط بڻائڻ ۽ جديد پارلياماني ترقي بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ

كراچي (رپورٽر) قومي اسيمبلي جي اسپيكر سردار اياز صادق، ڊپٽي اسپيكر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاه ۽ قومي اسيمبلي جي سينيئر ميمبر مير اعجاز خان جكراڻي سان گڏ سنڌ اسيمبلي جو دورو كيو ۽ سنڌ اسيمبلي جي اسپيك/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

بجلي جي بلن ۾ وڌيك واڌ عوام سان ناانصافي آهي: ڊاكٽر فاروق ستار

حكومت آخر كيستائين عوام جي كيسن تي بار وجهندي رهندي: ڊاكٽر فاروق ستار

هڪ طرف پيٽروليم شين تي ڳري ٽيكسن ۽ ليوي ذريعي عوام كان اربين رپيا وصول كيا پيا وڃن

فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي نالي تي بجلي جي بلن ۾ وڌيك واڌ كئي وئي آهي، بجلي جي اگهن ۾ 2.3673 رپيا في يونٽ فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي واڌ كئي وئي آهي

كراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاكستان جي سينيئر مركزي اڳواڻ ڊاكٽر فاروق ستار بجلي جي اگهن ۾ واڌ تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته بجلي جي بلن ۾ وڌيك واڌ عوام سان ناانصافي آهي. حكومت آخر كيستائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اقبال برصغير جي مسلمانن جي امنگن كي فكري رهنمائي ڏني: صدر زرداري

علامه اقبال جي شاعري برصغير جي مسلمانن كي پنهنجي مستقبل جا فيصلا پاڻ كرڻ جي طاقت جو احساس ڏياريو

علامه اقبال جي شاعريءَ ۾ آزادي ۽ عزت ڀري زندگي حاصل كرڻ لاءِ جدوجهد جو پيغام موجود آهي

اقبال جي شاعري استحصال خلاف آواز اٿاريو ۽ غريبن كي سندن حقن ۽ مقام جو احساس ڏياريو

علامه اقبال محنت كندڙن جي عزت ۽ وقار كي اهميت ڏني ۽ عام ماڻهن كي انسانيت جي روشن مستقبل جو مركز قرار ڏنو

اسلام آباد (بيورو) صدر مملكت آصف علي زرداري چيو آهي ته علامه اقبال برصغير جي مسلمانن جي امنگن كي فكري رهنمائي ڏني، يومِ اقبال جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته علامه اقبال جي يومِ پيدائش تي كين ڀيٽا پيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

كراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي ديوالي جي تقريب كي خطاب كندي

كجهه آئيني درخواستن تي كارروائي معطل كرڻ جي فيصلي سان كيترين ئي پيچيدگيون پيدا ٿيون آهن: بيرسٽر گوهر

اسلام آباد (بيورو) چيئرمين پي ٽي آءِ بيرسٽر گوهر چيو آهي ته وفاقي آئيني عدالت جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

كنيكٽنگ ٽنل جي سيكنڊ بينچ جي كوٽائي دوران جبل جي كمزور حصي جو هڪ ٽكرو كري پيو

هريپور (م د) تربيلا ڊيم جي واڌو پن بجلي منصوبي ۾ كنيكٽنگ ٽنل جي سيكنڊ بينچ جي كوٽائي دوران جبل جي كمزور حصي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

گلشن حديد ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او جاويد ابڙو جي شهادت جي واقعي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي

جاچ ٽيم مختلف هنڌن تان سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل كري ورتا آهن

جن ۾ موٽرسائيكل تي سوار ٻن شكي حملا آورن كي ڏسي سگهجي ٿو

كراچي (رپورٽر) گلشن حديد ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او جاويد ابڙو جي شهادت جي واقعي جي جاچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي، جاچ ٽيم مختلف هنڌن تان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

موسميات كاتي پاران كراچي ۾ اينڊڙ ٻن ڏينهن دوران صبح جي وقت ڌنڌ ڇانيل رهڻ جو امكان ظاهر

كراچي (رپورٽر) موسميات كاتي پاران كراچي ۾ اينڊڙ ٻن ڏينهن دوران صبح جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

هنگو ۾ دهشتگردن جو حملو، 1 اهلكار شهيد، 3 اهلكار اغوا

دهشتگرد اغوا كيل ٽنهي پوليس اهلكارن كي سماڻه پهاڙي خانانو كوڻ طرف وٺي ويا آهن پوليس جوانن شاه الماس پير پهاڙي تي ٻيهر كنٽرول سنڀالي ورتو

دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيندڙ كانسٽيبل فيروز علي جي نماز جنازه پوليس لائن هنگو ۾ سركاري اعزاز سان ادا كئي وئي

ڊي پي او هنگو سميت ٻين آفيسرن شهيد جي لاش تي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ شهيد جي عظيم قرباني كي خراج عقيدت پيش كيو

هنگو (م د) خيبر پختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ شاه الماس پير پهاڙي پوليس پوسٽ تي دهشتگردن حملو كيو جنهن ۾ هڪ پوليس اهلكار شهيد ٿي ويو ڊي پي او موجب حملو كندڙ 3 پوليس اهلكارن كي سماڻه پهاڙي خانانو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
اڱارو 10 نومبر 2026 ع بمطابق 29 جمادي الاول 1448ھ

عوامي حڪمراني ۽ قومي وسيلن جي مالڪي

دنيا جي بدلجندڙ سياسي ۽ معاشي حالتن ۾ ڪيترائي ملڪ پنهنجي پاليسين تي نظرثاني ڪري رهيا آهن. عوام جي ٽيڪسن مان حاصل ٿيندڙ آمدني ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ٿئي، قومي وسيلن جو فائدو ڪنهن کي ملي ۽ رياستي ادارن جي ذميواري ڪهڙي هجڻ گهرجي، اهڙا سوال هاڻي عالمي سطح تي بحث جو موضوع بڻجي رهيا آهن. آمريڪا جي مشي گن مان چونڊيل ڊيموڪريٽڪ سينيٽر عبدالسيد جو اهو موقف به هڪ اهم بحث کي جنم ڏئي ٿو ته آمريڪي عوام جا پئسا ٻين ملڪن جي فوجي ادارن جي مالي سهائتا تي خرچ ڪرڻ بدران پنهنجي ملڪ جي تعليم، صحت ۽ عوامي سهولتن تي خرچ ٿيڻ گهرجن. هن پاڪستان، اسرائيل، مصر، سعودي عرب، قطر ۽ گڏيل عرب امارتن سميت ٻين ملڪن جي فوجي امداد بند ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي چيو آهي ته پرڏيهي فوجي امداد بابت فيصلا عالمي قانون جي اصولن موجب ٿيڻ گهرجن. هن موقف جو بنيادي سوال اهو آهي ته ڪنهن به ملڪ جي عوام جي ٽيڪسن مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ جو پهريون حق ان ملڪ جي عوام کي حاصل هجڻ گهرجي. اهو سوال رڳو آمريڪا تائين محدود ناهي، پر پاڪستان سميت دنيا جي هر ملڪ جي حڪمرانن لاءِ به غور طلب آهي. اسان جي ملڪ ۾ به وقت جي حڪومتن کي دنيا جي تبديل ٿيندڙ پاليسين مان سکڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته رياست جو اصل مقصد عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ، بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ قومي وسيلن جو منصفاڻو استعمال يقيني بڻائڻ آهي. جمهوريت جو بنيادي اصول اهو آهي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي، نه ڪي اهڙا مخصوص طبقا يا ادارا جيڪي عوام جي چونڊيل نمائندن کان مٿانهان ٿي رياستي فيصلن تي اثرانداز ٿين. ملڪ ۾ چوڪيدارن کي حڪمران بڻائڻ ۽ قومي اثاثن کي ڪنهن هڪ اداري يا مخصوص طبقي جي ملڪيت سمجهڻ بدران هر اداري کي آئين جي دائري ۾ رهي پنهنجي ذميواري ادا ڪرڻ گهرجي. قومي ادارا ۽ اثاثا ڪنهن فرد، خاندان، جماعت يا اداري جي ذاتي ملڪيت ناهن، اهي عوام جي گڏيل امانت آهن. انهن جي حفاظت، ترقي ۽ استعمال بابت فيصلا به عوام جي مفادن ۽ آئين جي اصولن موجب ٿيڻ گهرجن. پاڪستان هن وقت مهانگائي، بيروزگاري، بدامني، غربت، تعليمي پسماندگي ۽ علاج جي سهولتن جي کوٽ جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ ٻن ويلن جي ماني، ٻارن جي تعليم، بجليءَ جا بل ۽ بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ به ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. اسپتالن ۾ سهولتن جي کوٽ، سرڪاري اسڪولن جي خراب حالت، نوجوانن لاءِ روزگار جا محدود موقعا ۽ وڌندڙ معاشي بار عوام جي زندگيءَ کي مسلسل متاثر ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ حڪمرانن جي پهرين ترجيح عوام جي انهن مسئلن جو حل هجڻ گهرجي، پر افسوس جو ملڪ ۾ اقتدار، سياسي مفادن، ذاتي اثاثن ۽ طاقت جي چڪتاڻ جا معاملا عوامي مسئلن تي حاوي نظر اچن ٿا. سوال اهو به آهي ته جيڪي ماڻهو سياست ۾ اچڻ کان اڳ محدود وسيلن جا مالڪ هئا، اهي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ لکين ايڪڙ زمينن جا مالڪ ۽ ملڪ جا وڏا سيڙپڪار ڪيئن بڻجي وڃن ٿا؟ انهن جي دولت ۾ ٿيندڙ غيرمعمولي واڌ بابت سوال ڪرڻ، اثاثن جي شفاف جاچ ۽ آمدنيءَ جي ذريعن جو حساب وٺڻ ڪنهن جي ذاتي مخالفت نه، پر عوام جو آئيني ۽ جمهوري حق آهي. جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان به پنهنجي 34 سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ ڪرپشن جو ڪو ڪيس نه هجڻ جي دعويٰ ڪندي احتسابي ادارن جي ڪردار تي سوال اٿاريا آهن. سندس چوڻ آهي ته ڪجهه ماڻهن خلاف ڪيس هلايا وڃن ٿا، ڪين سزائون به ملن ٿيون. پر وفاداريون تبديل ڪرڻ ڪانپوءِ جن سڀ ڪجهه ڌوپجي وڃي ٿو. هن حڪمرانن کان اهو به سوال ڪيو آهي ته اهي ڏهن ويهن سالن اندر لکين ايڪڙ زمينن جا مالڪ ۽ وڏا سيڙپڪار ڪيئن بڻجي ويا؟ مولانا فضل الرحمان جي انهن سوالن کي به هڪ سياسي اڳواڻ جي موقف طور ڏسڻ سان گڏ ملڪ ۾ احتساب جي نظام جي شفافيت بابت وسيع بحث جي ضرورت آهي. احتساب جو عمل ڪنهن هڪ سياسي جماعت، مخالف ڌر يا مخصوص شخصيت تائين محدود نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو حڪمران، سياستدان، سرڪاري آفيسر يا طاقتور شخص قومي خزاني، اختيارن يا عوامي وسيلن جي ناجائز استعمال ۾ ملوث هجي ته ان خلاف بنا ڪنهن سياسي فرق جي قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. ساڳئي وقت ڪنهن کي سياسي اختلاف يا وفاداري تبديل نه ڪرڻ جي بنياد تي نشانو بڻائڻ به انصاف جي اصولن جي خلاف آهي. قانون جي بالادستيءَ جو مطلب اهو آهي ته امير هجي يا غريب، حڪمران هجي يا عام شهري، سڀني لاءِ ساڳيو قانون ۽ ساڳيو انصاف هجي. ملڪ ۾ اهڙي احتسابي نظام جي ضرورت آهي، جيڪو حڪمرانن جي اثاثن، سرڪاري خرچن، قومي منصوبن ۽ عوامي فنڊن جي استعمال بابت شفافيت يقيني بڻائي. جيڪڏهن عوام جي نالي تي قرض کنيا وڃن ٿا، ٽيڪس وڌايا وڃن ٿا ۽ قومي ادارن جي آمدني حاصل ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ انهن پئسن جي استعمال جو حساب ڏيڻ به حڪمرانن جي ذميواري آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته هڪ طرف ملڪ جو عام شهري مهانگائيءَ سبب پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون نه ڪري سگهي، نوجوان ڊگريون کڻي بيروزگار گهمندا رهن، مريض علاج لاءِ پريشان هجن ۽ ٻئي طرف حڪمرانن جي ذاتي اثاثن ۽ ڪاروباري مفادن بابت سوالن جا جواب نه ملن؟ اهڙي صورتحال ۾ عوام جو حڪمرانن ۽ ادارن تي اعتماد ڪيئن بحال ٿي سگهندو؟ ملڪ جي وسيلن بابت فيصلا به عوام جي مرضي، پارليامينٽ جي نگراني ۽ آئين جي مقرر ڪيل طريقيڪار موجب ٿيڻ گهرجن. صوبن جا حق، قدرتي وسيلا، زمينون، سامونڊي پٽي، پاڻي ۽ قومي ملڪيت ڪنهن به حڪمران جي ذاتي اختيار جو معاملو ناهن. خاص طور سنڌ سميت سمورن صوبن جي وسيلن ۽ اختيارن بابت فيصلا ڪندي صوبائي خودمختياري، آئيني حقن ۽ مقامي ماڻهن جي مفادن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڪنهن به ترقياتي منصوبي يا معاشي پاليسيءَ جو اصل فائدو تڏهن آهي، جڏهن ان مان عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بهتري اچي، نه ڪي رڳو مخصوص سيڙپڪارن ۽ طاقتور طبقن جا مفاد پورا ٿين. دنيا ۾ عوامي ڀلائيءَ کي ترجيح ڏيڻ، تعليم ۽ صحت تي خرچ وڌائڻ، حڪومتي خرچن ۾ شفافيت آڻڻ ۽ ادارن کي جوابده بڻائڻ بابت ٿيندڙ بحثن مان پاڪستان کي به سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. پرڏيهي امداد، فوجي سهڪار ۽ دفاعي پاليسين بابت فيصلا به قومي مفادن، سلامتيءَ جي ضرورتن، معاشي سگهه ۽ عالمي قانون کي سامهون رکي ٿيڻ گهرجن. ڪنهن به ملڪ لاءِ پنهنجي دفاع جو انتظام ضروري آهي، پر دفاع ۽ عوامي ڀلائيءَ جي وچ ۾ توازن قائم رکڻ به حڪمرانن جي ذميواري آهي. قومي سلامتيءَ جو تصور رڳو سرحدن جي حفاظت تائين محدود نٿو رهي، بک، غربت، بيماري، جهالت، بيروزگاري ۽ ناانصافيءَ کان عوام کي بچائڻ به قومي سلامتيءَ جو اهم حصو آهي. جيڪڏهن ملڪ جا ماڻهو علاج، تعليم، روزگار ۽ تحفظ کان محروم رهن ٿا ته ترقيءَ جا وڏا وڏا دعوائون عوام لاءِ بي معنيٰ بڻجي وڃن ٿا. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ملڪ ۾ طاقت جي اصل سرچشمي، عوام جي بالادستيءَ کي عملي طور تسليم ڪيو وڃي، پارليامينٽ کي بااختيار بڻايو وڃي، ادارن کي آئين جو پابند ڪيو وڃي ۽ قومي اثاثن کي ذاتي ملڪيت سمجهڻ واري سوچ ختم ڪئي وڃي. حڪمرانن کي پنهنجي دولت، اختيارن ۽ فيصلن بابت عوام آڏو جوابده هجڻ گهرجي. سياسي بليڪ ميلنگ، ذاتي مفادن ۽ اقتدار جي چڪتاڻ ۾ ملڪ جي مستقبل کي داءُ تي لڳائڻ بدران عوام جي بنيادي مسئلن کي اوليت ڏني وڃي. ڇاڪاڻ ته غربت، مهانگائي، بدامني، جهالت ۽ علاج جي کوٽ ۾ قاتل عوام کي وڌيڪ نظرانداز ڪري ڪنهن به ملڪ جو مستقبل محفوظ نٿو بڻائي سگهجي. پاڪستان ڪنهن هڪ طبقي، خاندان يا اداري جو نه، پر هن ملڪ جي سمورن عوام جي گڏيل ملڪيت آهي ۽ ان جي وسيلن تي پهريون حق به عوام جو ئي هجڻ گهرجي.

اشرف المخلوقات جو لقب ماڻيندڙ اڄ جي انسان جو انساني قدرن ڏانهن ورتاءُ

ليڪ سلطان "سائل"

تمهيد

موجوده سماج، جنهن ۾ اسين زندگي گذاري رهيا آهيون، انساني قدرن جي حوالي سان هڪ نهايت ئي ڳڻتي جوڳي صورتحال مان گذري رهيو آهي. ڪوڙ، فريب، انتهاپسندي، لالچ، مفاد پرستي، ناانصافي ۽ ٻين ڪيترين ئي سماجي برائين سبب انسان ذهني پريشاني، بيچيني ۽ عدم تحفظ جو شڪار بڻجي ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ انساني قدرن جي بحالي ۽ واڌاري کي وقت جي اهم ترين ضرورتن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو.

انسان جي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي تڏهن ئي سڪون، ترقي ۽ خوشحالي طرف گامزن ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان جو بنياد اخلاقي قدرن، باهمي احترام ۽ سماجي ذميواري جي احساس تي قائم هجي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته جديد مادي ترقي جي باوجود اخلاقي ۽ روحاني قدرن ۾ لاڳيتو گهٽتائي نظر اچي رهي آهي، جيڪا سماج جي مجموعي صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي رهي آهي.

انساني قدرن جي اهميت

انسان کي الله تعاليٰ اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪيو آهي. ڪيس عقل، فهم، شعور ۽ اختيار جهڙيون بي مثال نعمتون ڏنيون ويون آهن، جن جي مدد سان هو صحيح ۽ غلط، نيڪي ۽ بدي، انصاف ۽ ناانصافي وچ ۾ فرق ڪري سگهي ٿو

انساني زندگي جي حقيقي ڪاميابي ان ڳالهه ۾ مضمر آهي ته انسان پنهنجي ذاتي ۽ اجتماعي روين ۾ عدل، انصاف، محبت، رواداري، پائيچاري، همدردي ۽ ٻين جي حقن جي احترام کي اهميت جي جاءِ ڏئي. اهي ئي قدر هڪ مهذب، پرامن ۽ ترقي يافته معاشري جي تعمير جا بنيادي ستون آهن.

جڏهن فرد پنهنجي عقل ۽ شعور کي مثبت رخ ۾ استعمال ڪري ٿو، تڏهن هو نه رڳو پنهنجي شخصيت کي سنواري سگهي ٿو، پر پنهنجي آس پاس جي ماحول تي پڻ هاڪاري اثر وجهي سگهي ٿو. اهڙي سوچ سان ئي امن، برداشت ۽ سماجي هم آهنگي کي فروغ ملي ٿو.

موجوده سماج جا چئلينج

اڄ جو سماج ڪيترين ئي اخلاقي، سماجي ۽ انساني مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. قتل، تشدد، نفرت، قبائلي جهيڙا، ڪاروڪاري، شدت پسندي ۽ دهشتگردي جهڙا رويا انساني قدرن جي مڪمل نفي ڪن ٿا. بيگناهه ماڻهن جون زندگيون ضايع ٿين آهي. معاشري ۾ خوف، بي يقيني ۽ عدم تحفظ جي فضا جو وڌڻ ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته اسين تدريجي طور انساني قدرن کان پري ٿيندا پيا وڃون.

جيتوڻيڪ دنيا مادي ترقيءَ جي بلندين کي ڇهي رهي آهي، پر اخلاقي ۽ روحاني شعبن ۾ زوال جا آثار وڌيڪ نمايان ٿي رهيا آهن. اهڙي ماحول ۾ خاص طور نوجوان نسل لاءِ صحيح ۽ غلط جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ سماجي ۽ اخلاقي بحران وڌيڪ گهرا ٿي رهيا آهن.

بنيادي انساني قدر

هڪ صحتمند، مهذب ۽ مثالي معاشري جي تعمير لاءِ هيٺيان انساني قدر بنيادي اهميت رکن ٿا:

انفرادي شخصيت جو احترام
مفادِ عامہ ۽ سماجي ڀلائي
اخلاقي قدرن جي پاسداري
روحانيت ۽ باطني پاڪيزگي
مثبت روين ۽ رواداري جو فروغ

اهي اقدار فرد جي شخصيت کي سنوارڻ سان گڏ معاشري جي استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پڻ بنيادي حيثيت رکن ٿا.

تعليم جو ڪردار

تعليم سماجي تبديلي ۽ فڪري ارتقا جو سڀ کان مؤثر طاقتور هٿيار آهي. تعليمي ادارن جو مقصد صرف علم جي فراهمي نه، پر اهڙا باشعور، ذميوار ۽ بااخلاق شهري تيار ڪرڻ پڻ هجڻ گهرجي، جيڪي سماج ۾ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته موجوده تعليمي نصاب جو ازسرنو جائزو وٺي ان ۾ اهڙيون تبديليون آنديون وڃن، جيڪي نوجوان نسل ۾ انساني قدرن، رواداري، محبت، امن ۽ سماجي ذميوارين بابت آگاهي پيدا ڪن.

نصاب ۾ هيٺين پهلوئن تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي:

سٺي اخلاق ۽ چال چلت جي تربيت
امن، سلامتي ۽ سماجي هم آهنگي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ
سچ ڳالهائڻ ۽ سچائي تي قائم رهڻ جي عادت
محبت، پائيچاري ۽ رواداري جي واڌاري لاءِ تعليم
عدم تشدد، انصاف ۽ انسانيت جي خدمت جو شعور

جيڪڏهن اهي اقدار ننڍپڻ کان شاگردن جي شخصيت جو حصو بڻايا وڃن ته مستقبل جا شهري وڌيڪ ذميوار، بردبار ۽ بهتر انسان بڻجي سگهن ٿا.

والدين ۽ استادن جون ذميواريون

ٻارن جي شخصيت سازي ۾ والدين ۽ استادن جو بنيادي ۽ فيصلائتو ڪردار هوندو آهي. جيڪڏهن والدين ۽ استاد پاڻ اعليٰ اخلاقي قدرن تي عمل نه ڪندا ته صرف نصيحتن ذريعي مثبت تبديلي آڻڻ ممڪن نه هوندي. ٻار لفظن کان وڌيڪ عمل مان سکندا آهن: والدين ۽ استادن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اهڙو مثال پيش ڪرڻ گهرجي، جيڪو ٻارن لاءِ مشعلِ راهه بڻجي سگهي.

ٻارن ۾ هيٺيون عادتون پيدا ڪرڻ گهرجن:

الف. ننڍن، وڏن ۽ هم عمرن سان عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ
ب. پاڙيسرين، دوستن ۽ مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ
ت. پئسي کي ذميواري سان خرچ ڪرڻ
ث. فضول خرچي ۽ اسراف کان پاسو ڪرڻ
ج. محبت، نرم مزاجي ۽ احترام واري ٻولي اختيار ڪرڻ

جڏهن گهر، مدرسو ۽ اسڪول گڏجي ٻارن جي اخلاقي تربيت لاءِ ڪم ڪندا، تڏهن ئي هڪ بهتر نسل جي تعمير ممڪن ٿي سگهندي.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو اثر

جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي انسان جي زندگيءَ ۾ بي شمار سهولتون مهيا ڪيون آهن. ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، موبائل فون، مصنوعي ذهانت (ARTIFICIAL INTELLIGENCE) دنيا کي عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان سموري ترقيءَ جا بي شمار فائدا آهن، پر انهن وسيلن جو غلط استعمال اخلاقي زوال، گمراهي، ذهني انتشار ۽ سماجي برائين کي پڻ جنم ڏئي سگهي ٿو. خاص طور نوجوان نسل جديد ٽيڪنالاجي جي منفي استعمال کان وڌيڪ متاثر ٿي سگهي ٿو.

انهيءَ ڪري ضروري آهي ته ميڊيا، تعليمي ادارا، سماجي تنظيمون ۽ گهراڻا گڏجي انساني قدرن بابت آگاهي مهم هلائين. انٽرنيٽ ۽ مصنوعي ذهانت جي ذميوارانه، اخلاقي ۽ مثبت استعمال کي فروغ ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ، ان جي برعڪس اهڙي مواد جي حوصلا شڪني ڪئي وڃي، جيڪو سماجي ۽ اخلاقي طور نقصانڪار هجي.

روين ۾ سڌارو

معاشري ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ ماڻهن جي روين ۾ سڌارو آڻڻ لازمي آهي. محبت، احترام، سچائي، همدردي ۽ برداشت جهڙا رويا فرد جي ڪردار کي مضبوط ڪن ٿا ۽ سماجي هم آهنگي کي فروغ ڏين ٿا.

هيٺيان اصول هن سلسلي ۾ اهم رهنمائي فراهم ڪن ٿا:

پيار سان سوچڻ، سچ کي جنم ڏئي ٿو.
پيار سان محسوس ڪرڻ، امن جو رستو ڏيکاري ٿو.
پيار سان عمل ڪرڻ، سٺي ڪردار جي رهنمائي ڪري ٿو
پيار کي سمجهڻ، عدم تشدد ۽ رواداري کي هٿي ڏئي ٿو.

جڏهن اهڙا رويا فردن جي شخصيت جو حصو بڻجن ٿا ته مجموعي طور پورو معاشرو امن، محبت ۽ احترام جي بنيادن تي استوار ٿي وڃي ٿو.

نتيجو

هڪ اهڙو سماج، جتي قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجي، جتي هر فرد جا بنيادي حق محفوظ هجن، جتي امن، انصاف، برابري ۽ انساني وقار جو احترام موجود هجي، اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن اسين سڀ گڏجي انساني قدرن جي پاسداري ڪريون. هر فرد کي پنهنجي ذات کان شروعات ڪندي پنهنجي عملن جو احتساب ڪرڻ گهرجي. جڏهن انسان پنهنجي ڪردار ۾ مثبت تبديلي آڻيندو ته هو نه صرف پنهنجي زندگي بهتر بڻائيندو، پر ٻين لاءِ پڻ مثال بڻجندو. اهڙي فرد جي ڪوشش سان ئي هڪ مهذب، پرامن ۽ خوشحال سماج جي تعمير ممڪن بڻجي سگهندي.

"تون لوچ انقلاب آڻڻ لاءِ، جڏهن رڃ هجي رڻن ۾
ساٿ ڪري سانگيئڙن کي، جيئندان ڏيو نسلن ۾
ڪو ديپ جلائي دلين ۾ ،ڪي آسون اپارلوڪن ۾
هر فرد ڪجي فولاد جيئان، ڪو هيٺو م هجي گلشن ۾
تون لوچ انقلاب آڻڻ لاءِ جڏهن رڃ هجي رڻن ۾
ساٿ ڪري سانگيئڙن کي جيئندان ڏيو نسلن ۾
هرلوڀي ڀڄي ڀور ٿئي،نوڳي نڪرائجي نڪرن ۾
ڪو دهشت ۾ م ڳهاري ڪا گهڙي، هر آدمي هجي امن ۾
تون لوچ انقلاب آڻڻ لاءِ جڏهن رڃ هجي رڻن ۾
ساٿ ڪري سانگيئڙن کي جيئندان ڏيو نسلن ۾
هر هٽ ۾ هجي پيغام امن، اهي سٿون سنوار گيتن ۾
وجود نفرت کان تي عاري، اها پريت پرائي محبتن ۾
تون لوچ انقلاب آڻڻ لاءِ جڏهن رڃ هجي رڻن ۾
ساٿ ڪري سانگيئڙن کي جيئندان ڏيو نسلن ۾
ڪردار سندو ڪر بلند اهڙو،جو پيو ڳائجي جيون ۾
سندي وجود کي ساڻ ڪري، "سائل" ميڙو مچائي ميلن ۾
تون لوچ انقلاب آڻڻ لاءِ جڏهن رڃ هجي رڻن ۾

اڇو ته مندرن سان گڏ پنهنجي دلين ۾ به ڏيئا ٻاريون

مخدوم بلاول

* روشنيءَ جو ڪو مذهب ناهي هوندو. روشنيءَ جو ڪم اونداهيءَ کي ختم ڪرڻ هوندو آهي. ڏيئو ڪهڙي هٿ ۾ ٻري ٿو. ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته اهو ڪنهن جي زندگيءَ مان ڪيتري اونداهي ختم ڪري ٿو. ديوالي رڳو ڏيئن، روشنين، رنگن ۽ خوشين جو تهوار ناهي، پر اهو انسانيت، محبت، اميد ۽ نئين شروعات جو پيغام پڻ آهي. هيءُ تهوار اسان کي ياد ڏياري ٿو ته اونداهي ڪيتري به گهري ڇو نه هجي، هڪ ننڍڙو ڏيئو به ان کي چيلينج ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو. پر سوال اهو آهي ته ڇا اسان رڳو مندرن، گهرن ۽ گهٽين کي روشن ڪري مطمئن ٿي وڃون. يا پنهنجي سماج جي ذهنن ۽ ضميرن ۾ به روشني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون؟

اچو ته هن ديواليءَ تي مندرن ۾ ڏيئا ٻارڻ سان گڏ پنهنجي دلين اندر به علم، شعور، رواداري ۽ انسانيت جا ڏيئا ٻاريون. ڇاڪاڻ ته مندرن ۾ ٻاريل ڏيئا ڪجهه وقت کان پوءِ وسامي ويندا آهن، پر جڏهن ڪنهن انسان جي ذهن ۾ علم جو ڏيئو ٻرندو آهي ته اهو رڳو هڪ فرد کي نه، پر پوري سماج کي روشن ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي. اسان کي اهڙي سماج جي تعمير ڪرڻي آهي، جتي غربت جي اونداهيءَ کي تعليم جي روشني ختم ڪري، جتي جهالت جي جاءِ تي شعور جنم وٺي، جتي نفرتن جي ڀتين جي جاءِ تي محبت جا پل تعمير ٿين. جتي مذهب، ذات، ٻولي ۽ عقيدي جي بنياد تي انسانن کي ورهائڻ بدران انسانيت جي ناتي هڪ ٻئي کي قبول ڪيو وڃي.

اسان کي پنهنجي ٻارن جي هٿن ۾ نفرت جا هٿيار نه، پر ڪتاب ڏيڻا آهن. انهن جي ذهنن ۾ تعصب نه، پر سوال ڪرڻ جي جرئت پيدا ڪرڻي آهي. اسان کي اهڙا تعليمي ادارا گهرجن، جتان رڳو ڊگريون حاصل ڪندڙ ماڻهو نه، پر نوان سائنسدان، محقق، دانشور، مفڪر، سماجي سڌارڪ ۽ انسانيت جا علمبردار پيدا ٿين. ڇو ته حقيقي روشني اها ناهي، جيڪا رڳو اکين کي وڻي؛ حقيقي روشني اها آهي، جيڪا ذهنن کي سوچڻ، ضميرن کي جاڳڻ ۽ انسانن کي بهتر بڻجڻ جو رستو ڏيکاري.

سنڌ جي ڌرتيءَ جي تهذيب هميشه امن، محبت، رواداري ۽ انسان دوستيءَ جو درس ڏنو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر کان وٺي صوفي بزرگن جي پيغام تائين، اسان کي انسان سان محبت ڪرڻ ۽ انسانيت کي مذهبن، فرقن ۽ تعصبن کان مٿانهون رکڻ جو سبق مليو آهي. ان ڪري ديواليءَ جي موقعي تي اسان جو پيغام به اهو ئي هجڻ گهرجي ته هر مذهب جي پوئلڳ کي پنهنجي عقيدي مطابق خوشيون ملهائڻ، عبادت ڪرڻ ۽ پنهنجي ثقافت سان محبت ڪرڻ جو پورو احترام ۽ آزادي حاصل هجي. هڪ اهڙي سنڌ جو خواب، جتي ڪنهن جي گهر ۾ ديواليءَ جا ڏيئا ٻرن ته پاڙيسريءَ جي چهري تي به خوشي هجي؛ جتي عيد جي خوشين ۾ هندو پاڙو شريڪ ٿين ۽ ديواليءَ جي روشنين ۾ مسلمان، عيسائي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو به محبت سان گڏ ٻيهن، ڇو ته سماج جي خوبصورتي هڪجهڙائيءَ ۾ نه، پر هڪ ٻئي جي اختلافن کي عزت ڏيڻ ۾ آهي. اڄ اسان کي رڳو بجليءَ جي روشنين سان پنهنجا شهر روشن ڪرڻا ناهن، پر علم، شعور، امن، برابري ۽ انسانيت سان پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻو آهي. اسان کي اهڙا ڏيئا ٻارڻا آهن، جيڪي وقت سان وسامي نه وڃن، پر نسلن تائين روشني ورهائيندا رهن.

اچو ته هن ديواليءَ تي هڪ نئون عهد ڪريون. مندرن ۾ ڏيئا ضرور ٻاريون، پر اسڪولن ۾ علم جا ڏيئا به ٻاريون. گهرن کي ضرور روشن ڪريون، پر غريبن جي زندگين ۾ خوشين جا ڏيئا به ٻاريون. عبادتگاهن جو احترام ڪريون، پر انسان جي دل کي به محبت ۽ احترام جو گهر بڻايون.

چو ته هڪ ڏيئو ڪنهن هڪ ڪمري کي روشن ڪندو آهي، پر هڪ باشعور ذهن پوري سماج جو مستقبل روشن ڪري سگهي ٿو.

ديوالي مبارڪ!

اچو ته اونداهيءَ خلاف روشنيءَ جو، نفرت خلاف محبت جو ۽ جهالت خلاف علم جو ڏيئو ٻاريون. روشنيءَ جو ڪو مذهب ناهي هوندو، پر روشني ورهائڻ هر انسان جو فرض آهي.

بقايا 01 ***

جنگ بندي جي ڀڃڪڙين، بين الاقوامي قانونن جي لتاڙ ۽ فلسطيني عوام خلاف اسرائيل جي مسلسل جارحيت جي سخت مذمت ڪريون ٿاوزيراعظم پرڏيهي وزارت کي هدايت ڪئي آهي ته انساني امداد جي فوري فراهمي ۾ واڌ لاءِ سمورا ممڪن ذريعا ڪتب آندا وڃنياد رهي ته غزه ۾ سخت برساتن سبب 70 هزار خيما پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جنهن سان 3 لک 50 هزار بي گهر ماڻهو متاثر ٿيا، حماس خيمن جي پاڻي هيٺ اچڻ کي اسرائيلي محاصري جو نتيجو قرار ڏنو آهيحماس موجب سخت برساتن غزه جي محاصري جي سنگيني بي نقاب ڪري ڇڏي آهي، اسرائيل ۽ امن ڪونسل غزه ۾ بي گهر ماڻهن جي مشڪلاتن جا ذميوار آهن. انساني امداد جي فراهمي ۾ رڪاوٽون انساني بحران کي وڌيڪ گهرو ڪري رهيون آهنحماس مطالبو ڪيو آهي ته بي گهر خاندانن کي خيمن بدران محفوظ پناهگاهون فراهم ڪيون وڃن، اسرائيل هنگامي پناهگاهن، گرمائش جي سامان ۽ مرمتي سامان جي فراهمي روڪي رهيو آهيحماس جو چوڻ آهي ته غزه ۾ 3 لک خيمن جي فوري ضرورت آهي، ثالث ۽ ضامن ملڪ غزه ۾ امدادي سامان جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائين

بقايا 02 ***

۾ ٻيهر حملي جا امڪان گهٽجي ويندا، ايران به معاهدو ڪرڻ لاءِ بي چين آهي، ايران تي حملي جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته تهران معاهدو ڪري ٿو يا نه. ضرورت پئي ته ايران تي ٻيهر حملو ضرور ڪيو ويندو ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته ايران کي سندس سوچ کان وڌيڪ نقصان پهتو آهيهن چيو ته ايران ۾ 38 پلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن کي هڪ ڪلاڪ اندر تباهه ڪري سگهجي ٿو ٻئي پاسي آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو آهي ته صدر ٽرمپ هر مسئلي جو سفارتي حل چاهي ٿو. پر ايران جا ڪجهه مطالبا غيرمعقول ۽ حقيقتن کان پري آهن. ايران جا مطالبا قبولڻ جوڳا ناهن ۽ تهران کي تباهي مچائيندڙ هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجيمارڪو روبيو وڌيڪ چيو ته صدر ٽرمپ ايران خلاف ڪارروائي ڪنهن سياسي فائدي لاءِ ناهي ڪئيهوڏانهن ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي چتاءُ ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ٻيهر جنگ جو رستو اختيار ڪيو ته ايران ڀرپور جوابي ڪارروائي ڪندوعباس عراقچي چيو ته آمريڪي ووٽر پنهنجو فيصلو ٻڌائي چڪا آهن. هاڻي وائيٽ هائوس کي به پنهنجو فيصلو ڪرڻو پوندوهن وڌيڪ چيو ته ايران جي تجويز اڃا به برقرار آهي. پر جيڪڏهن آمريڪا جنگ شروع ڪئي ته ڪيس سخت جواب ڏنو ويندو.

بقايا 03 ***

ورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته شاعر مشرق پنهنجي شاعريءَ ذريعي مسلمانن ۾ خودي، خود اعتمادي ۽ آزاديءَ جو شعور بيدار ڪيو. علامه اقبال جو فڪر ۽ فلسفو غلامي، مايوسي ۽ احساس ڪمتريءَ مان نڪري پنهنجي صلاحيتن کي سڃاڻڻ ۽ انهن تي اعتماد ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو سندس شاعري رڳو ادب ناهي، پر هڪ فڪري تحريڪ آهي، جنهن مسلمانن کي پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ پنهنجي مستقبل جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو تصور ڏنو شاعر مشرق نوجوانن کي شاهين سان تشبيهه ڏئي بلند پروازي، خودداري ۽ جرئت جو درس ڏنو. جڏهن ته سندس فڪر تحريڪِ پاڪستان کي فڪري بنياد فراهم ڪيو. پاڪستان جو قيام هڪ ڊگهي فڪري ۽ سياسي جدوجهد جو نتيجو هو، جنهن ۾ علامه اقبال جي نظرين ۽ فڪر کي بنيادي اهميت حاصل رهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ اقبال جي فڪر کي سمجهڻ ۽ ان کي قومي زندگيءَ ۾ اختيار ڪرڻ جيضرورت اڳ کان وڌيڪ آهي. اقبال جي پيغام کي رڳو تقريبن ۽ تقريرن تائين محدود رکڻ بدران پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻائڻو پوندو نوجوان نسل کي اقبال جي فڪر کان روشناس ڪرائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. تعليم، تحقيق، ڪردار سازي ۽ اجتماعي ذميواري ئي قومي ترقيءَ جو رستو آهن. اقبال جو تصورِ خودي انسان کي پنهنجي صلاحيتن تي اعتماد، خودداري ۽ مسلسل جدوجهد جو درس ڏئي ٿو هن چيو ته اسان کي هڪ باشعور، تعليم يافته، خوددار ۽ ترقي پسند معاشري جي جوڙجڪ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو علامه اقبال جو پيغام هر دور ۽ هر نسل لاءِ رهنمائي فراهم ڪري ٿو يوم اقبال اسان کي انصاف، امن، رواداري ۽ انساني احترام تي ٻڌل معاشري جي تعمير جو عزم ياد ڏياري ٿو.

بقايا 04 ***

عملدرآمد 2029 ع جي عام چونڊن کانپوءِ ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب ان منصوبي جي راهه ۾ ڪيترائي مالي، آئيني ۽ انتظامي چئلينج موجود آهن. جن ۾ قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ تحت وسيلن جي ورهاست، آبي وسيلن جي ورهاست ۽ مالي ذميوارين جو نبيرو اهم مسئلا آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ايندڙ سال گهريل آئيني ترميمون منظور به ٿي وڃن. تڏهن به موجوده صوبائي حڪومتون ۽ اسيمبليون ايندڙ عام چونڊن تائين ڪم ڪنديون رهنديون. تجويز ڪيل انتظامي نئين سرجوڙجڪ 2029 ع جي چونڊن کانپوءِ لاڳو ڪئي وينديتجويز ڪيل منصوبي تحت پنجاب کي چئن صوبن، خيبر پختونخواهه ۽ بلوچستان کي ٽن ٽن صوبن، جڏهن ته سنڌ کي ٻن صوبن ۾ ورهائڻ تي غور ڪيو پيو وڃي. اهڙيءَ ريت ملڪ ۾ صوبن جو انگ موجوده چئن مان وڌي 12 ٿي ويندو رپورٽ موجب نئين صوبائي ڍانچي ڏانهن منتقلي لاءِ ڪيترن ئي حساس معاملن تي اتفاق راءِ ضروري هوندو جن جو تعلق موجوده صوبن ۽ نئين ٺهندڙ انتظامي وحدتن جي مالي ۽ معاشي حقن سان آهيذريعن موجب، پهريون وڏو چئلينج اين ايف سي ايوارڊ تحت وسيلن جي ورهاست جو هوندو هن وقت وفاق جي آمدني مان صوبن جو حصو مقرر فارمولي تحت چئن صوبن ۾ ورهايو وڃي ٿو پروڪيٽ اٺ صوبا اهو سوال پيدا ٿيندو ته صوبن جي موجوده حصي کي 12 انتظامي وحدتن ۾ ڪهڙي طريقي سان ورهايو ويندو ٻيو اهم ۽ حساس معاملو پاڻي وسيلن جي ورهاست جو آهي، خاص طور انهن علائقن ۾ اهو معاملو وڌيڪ ڏکيو بڻجي سگهي ٿو جتي پاڻي جي دستيابي، آبپاشي جون ضرورتون ۽ زراعت تي دارومدار اڳ ئي اختلافن جو سبب بڻيل آهن.

بقايا 05 ***

جي ڊي وٽ ۾ 6 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 51 زخمي ٿي پيا، جڏهن ته زخمي ڌاڙيلن سميت 65 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو ڪراچي پوليس موجب گذريل هفتي ويسٽ، ساؤٿ زونز ۾ مختلف ڪارروايون دوران مجموعي طور تي 889 کان وڌيڪ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو پوليس مقابلن ۽ ٻين ڪارروايون دوران گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 60 مختلف قسمن جا غير قانوني هٿيار ۽ 27 موٽر سائيڪلون هٿ ڪيون ويون پوليس منشيات فروشن خلاف جاري مهم تحت مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي 13 ڪلو 810 گرام چرس، 6 ڪلو 316 گرام آئيس ۽ ڪرسٽل سميت هيروئن به هٿ ڪئي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن کان شهرين کي لٽڻ ۽ ٻين ڏوهن جي وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ 132 کان وڌيڪ مختلف قسمن جا غير قانوني هٿيار بمعه ايمونيشن به هٿ ڪيا وياڪراچي پوليس شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي مجموعي طور تي ڦرلٽ ۽ چوري ٿيل 39 موٽر سائيڪلون ۽ 3 گاڏيون به هٿ ڪيونايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي حڪمن تحت پوليس ڏوهن جي خاتمي، امن امان جي بحالي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڪارروايون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا 06 ***

ران سان جنگ آمريڪي عوام ۾ غير مقبول آهيايراني وزيرخارجه عباس عراقچي چيو آهي ته آمريڪي صدرچاهن ٿا ته آمريڪي عوام جي اڪثريت اسرائيل سان سخت ناراض آهي، ٽرمپ عوامي ناراضگي جي سبب کي سمجهڻ ۾ مونجهاري جو شڪار نظر اچن ٿاعباس عراقچي چيو ته آمريڪي عوام اسرائيل جي طرفان آمريڪا کي نه ختم ٿيندڙ جنگين ۾ ڌڪڻ کان تنگ اچي چڪا آهن، آمريڪي عوام هاڻي وڌيڪ ڊگهيون جنگيون نٿا چاهين،هن چيو ته وچ اوڀر ۾ مسلسل جنگين ۽ تڪرارن کان ٿڪجي چڪا آهنان کان اڳ ٽرمپ ۽ عباس عراقچي آمريڪا کي مخاطب ڪندي چيو ته آمريڪي ووٽر پنهنجو فيصلو ٻڌائي چڪا آهن ۽ هاڻي وائيٽ هائوس کي به پنهنجي ۾ اهو پنهنجي راهه جو انتخاب ڪري سگهجي رابطي واري ويب سائيٽ ايڪس تي بيان ۾ عباس عراقچي چيو ته ايران طرفان پيش ڪيل ٻن ڏينهن واري تجويزجا به برقرار آهي. جيڪڏهن آمريڪا ايران جون شرطون پوريون ڪري جن ۾ سمورن محاذن تي جنگ جي خاتمي سميت ٻيون شرطون شامل آهن، ته ان جا مثبت نتيجا سامهون اچي سگهن ٿاهن چيو ته جيڪڏهن آمريڪا جنگ جو رستو اختيار ڪري ٿو ته پوءِ ايران جا الرٽ ۽ جنگي تجربو رکندڙ جنگجو ڀرپور جواب ڏيندا.

بقايا 07 ***

د ۾ سخي ستار ڏنو چولياڻي هائوس تي ڪميٽي جي سربراهه ۽ چيئرمين جيئي سنڌ محاذ رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گڏيل اجلاس ۾ جسقم (بشير خان) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين شبير جمالي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 22 نومبر تي ڪراچي ۾ وڏي عوامي طاقت جو مظاهرو ڪندي وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو اجلاس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي رياض چانڊيو چيو ته آفاق جو ماضي جيڪو به رهيو هجي، پر سنڌ سان بيان جي آجيان ڪريون ٿا. هن سنڌ واسين کي 22 نومبر تي ڪراچي ۾ اعلانيل مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت پڻ ڏني. رياض چانڊيو چيو ته ڏاڍ جي زور تي سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته هاڻي اهي ارادا پڌرا ٿي چڪا آهن ته کين سمنڊ، درياهه، ڪوئلو ۽ معدنيات ته گهرجن، پر سنڌ جا ماڻهو نه ٿا گهرجن.

بقايا 08 ***

سان جهيڙيندڙ لنڊن جي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري وئياداڪارا ميرا ڀيڻ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڀيڻ جي طبيعت خراب ٿيڻ تي انساني همدردي جي بنياد تي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڪرڻ باوجود برطانوي هاءِ ڪميشن ڪيس ويزا جاري نه ڪئي، جنهن سبب هوءَ ڀيڻ جي آخري گهڙين ۾ ساڻس ملي نه سگهيميرا جي ڀيڻ اقصيٰ عباس موجب، شائسته گذريل ٻن مهينن کان اسپتال ۾ علاج هيٺ هئي، جڏهن ته ان کان اڳ به لڳ ڀڳ هڪ سال تائين طبيعت خراب رهڻ سبب ڪيس ڪيترائي ڀيرا اسپتال داخل ڪيو ويو هوشائسته عباس کي ننڍڙي نياڻي جي ماءُ هئي، سندس لاڏاڻي کانپوءِ اداڪارا ميرا پنهنجي ڀاڻيجي کي هنج وڌو ۽ سندس پرگهور جو فيصلو ڪيو آهيشائسته عباس جي تدفين لنڊن ۾ ڪئي ويندي.

بقايا 09 ***

ٻن سالن بعد وطن واپسي لاءِ نئين پاسپورٽ جي حصول جي درخواست ڏني آهي.شيخ حسينه کي عوامي احتجاجي تحريڪ جي نتيجي ۾ اقتدار تان هٽائڻ کان پوءِ ملڪ ڇڏڻو پيو هو. بنگلاديشي حڪومت سندس پارٽي کان حواليگي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي پر ماضي ۾ حڪومت انهن اطلاعن کي رد ڪيو هو ته وطن واپسي لاءِ ڪيس نئين سڃاڻپ وارين دستاويزن جي ضرورت آهي شيخ حسينه جي معاون ابو عبيده آرين چيو ته هي سندس وطن واپسي طرف هڪ اهم قدم آهي. اڳوڻي حڪومت طرفان دستاويز منسوخ ڪرڻ کان پوءِ محترمه پنهنجي بنيادي شهري حيثيت ۽ حق بحال ڪرائڻ ۽ ضروري دستاويز حاصل ڪرڻ جي منتظر آهيهن وڌيڪ چيو ته شيخ حسينه ڊسمبر تائين بنگلاديش واپس اچڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ هو يقيناً وطن واپس ويندينگلاديشي حڪومت طرفان فوري طور ته هن معاملي تي ڪو به ردعمل سامهون نه آيو.

بقايا 10 ***

ڊڙ ننڍڙي نياڻي لغڙ جي ڏور گلي ۾ ڦاسڻ سبب فوت ٿي وئي متوفي نياڻي جي ناني نذير موجب لغڙ جي ڏور پهرين سندس ڳچي ۾ ڦاسي ۽ ان کان پوءِ نياڻي جي گلي ۾ ڦاسي پئي، جنهن سبب هوءَ سخت زخمي ٿي پئي نياڻي کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو پئي پر هو ايمبولينس ۾ ئي دم ڏئي ڇڏيوناني نذير جو چوڻ آهي ته هو هن واقعي تي ڪنهن خلاف قانوني ڪارروائي نٿو چاهي، پر هن لغڙ اڏائيندڙن کي اپيل ڪئي ته هن جان ليوا راند کان پاسو ڪن هن چيو ته اڄ سندس نياڻي جي جان وئي آهي، سڀاڻي ڪنهن ٻئي خاندان سان به اهڙو واقعو پيش اچي سگهي ٿو.

بقايا 11 ***

بدبلي واري پروقار تقريب منعقد ڪئي وئيپاڪ بحريه جي دستي مزار تي اعزازي گارڊن جا فرض سنڀالي ورتا. تقريب ۾ پاڪ نيوي جي اسٽيشن ڪمانڊر لاهور ڪموڊور مصباح الامين خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. علامه اقبال جي جنم ڏينهن جي موقعي تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل هئي، جڏهن ته مختلف شهرن ۾ تقريبون ۽ خاص پروگرام ڪرايا ويا صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف پڻ علامه محمد اقبال کي سندس خدمتن ۽ فڪر تي ڀرپور خراج پيش ڪيو.

بقايا 12 ***

د ۾ سخي ستار ڏنو چولياڻي هائوس تي ڪميٽي جي سربراهه ۽ چيئرمين جيئي سنڌ محاذ رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گڏيل اجلاس ۾ جسقم (بشير خان) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين شبير جمالي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 22 نومبر تي ڪراچي ۾ وڏي عوامي طاقت جو مظاهرو ڪندي وحدت سنڌ مارچ ڪيو ويندو اجلاس کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي رياض چانڊيو چيو ته آفاق جو ماضي جيڪو به رهيو هجي، پر سنڌ سان بيان جي آجيان ڪريون ٿا. هن سنڌ واسين کي 22 نومبر تي ڪراچي ۾ اعلانيل مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت پڻ ڏني. رياض چانڊيو چيو ته ڏاڍ جي زور تي سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جڏهن ته هاڻي اهي ارادا پڌرا ٿي چڪا آهن ته کين سمنڊ، درياهه، ڪوئلو ۽ معدنيات ته گهرجن، پر سنڌ جا ماڻهو نه ٿا گهرجن.

بقايا 13 ***

عوام ۾ اسرائيل لاءِ شديد ناپسنديدگي موجود آهيڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪندي چيو آهي ته مان ٻيهر چونڊ ميدان ۾ هجان ها ته نتيجا بلڪل مختلف هجن ها.آمريڪي صدر اعتراف ڪيو آهي ته ووٽرن کي ايران جنگ، ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن ۽ اسرائيل مخالف جذبن متاثر ڪيوواضح رهي ته ريپبلڪنز کي 54 سيٽن جي اڪثريت حاصل ٿي ۽ ريپبلڪن جون سيٽون گهٽجي 44 رهجي وييونايوان نمائندگان ۾ ڊيموڪريٽس کي 254 سيٽن جي اڪثريت ملي وئي آهي جڏهن ته ريپبلڪن جون سيٽون گهٽجي 162 ٿي ويون آهن.

بقايا 14 ***

ڪراچي منشيات اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي ۽ 51 ڪلوگرام چرس هٿ ڪري ورتي، جنهن جي ماليت 23 ڪروڙ 95 لک روپيا ٻڌائي وئي آهيڪسٽمز حڪام موجب آر سي ڊي هاءِ وي تي ڪارروائي دوران گجرن جي آڙ ۾ منشيات ڪراچي منتقل ڪئي پئي وئي چرس مزدا ٽرڪ نمبر ٽي ڪي جي 358 جي گجرن خانن ۾ لڪائي وئي، جنهن کي هٿ ڪري ٽرڪ ڊرائيور محمد قاسم کي موقعي تي گرفتار ڪيو ويو گرفتار ڊرائيور جو تعلق بلوچستان جي علائقي قلعه عبدالله سان آهي.اختيارين جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ موجب منشيات بلوچستان جي علائقي گلستان کان ڪراچي منتقل ڪئي پئي وئي هٿ ڪيل چرس ۽ مزدا ٽرڪ ضبط ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهيڪسٽمز منشيات اسمگلنگ جي نيٽ ورڪ، ان جي مالي سهڪارڪندڙن ۽ ڪراچي ۾ ممڪن وصول ڪندڙن جي نشاندهي لاءِ وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 15 ***

ڀاڻي پڻ شامل آهن. جن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو، جنهن جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 16 ***

دم قرار ڏئي ڇڏيو فلوريڊا ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مارڪو روبيو چيو ته صدر ٽرمپ جوهري هٿيارن سان ليس ايران جي حقيقي خطري جي نشاندهي ڪندي ان جو مقابلو ڪيو ڀلي سان اهو فيصلو عوام ۾ مقبول نه هجي. هن چيو ته ان ملڪ جي سلامتي ۽ ڪي ضروري آهي پر هر منهن ڏيڻ ضروري هوندو آهي. ڀلي ان کان ئي چونه ڪرڻا پون. آمريڪي پرڏيهي وزير موجب، صدر ٽرمپ اهو قدم کنيو جيڪو ڪنهن ٻئي کي ڪرڻ گهرجي ها، مارڪو روبيو چيو ته آمريڪا جون ٻئي سياسي جماعتون ان ڳالهه تي متفق ٿينديون ته جوهري هٿيارن سان ليس ايران آمريڪا، اسرائيل، وچ اوڀر ۽ سڄي دنيا لاءِ ناقابل قبول ۽ خطرناڪ هوندو هن چيو ته ايران سان جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهين ۾ اڃا تائين ڪا اڳڀرائي نه ٿي آهي، جنهن جو سبب تهران جا ناقابل قبول ۽ ڪجهه معاملن ۾ غيرمعمولي مطالبا آهن. مارڪو روبيو موجب، مختلف ملڪ ثالثي جون ڪوششون جاري رکندي ايران سان مختلف تجويزن تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ڳالهين ۾ ڪنهن وڏي اڳڀرائي جي ويجهو پهچڻ واري صورتحال ناهي. صدر ٽرمپ هميشه سفارتي ذريعن ذريعي مسئلا حل ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ائين ممڪن نه هوندو آهي. آمريڪي پرڏيهي وزير چيو ته جيڪڏهن ڪنهن معاهدي جو امڪان پيدا ٿيو ته آمريڪا ان جو ضرور جائزو وٺندو، پر في الحال ڳالهيون گهڻيون نتيجا ڏيندڙ ثابت نه ٿي رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته ايران جا مطالبا ناقابل قبول، غيرحقيقي ۽ ڪجهه حالتن ۾ ڪل جوڳا آهن.

بقايا 17 ***

شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته علامه اقبال برصغير جي تاريخ جي هڪ عظيم علمي ۽ ادبي شخصيت هئا، جن پنهنجي فڪر، فلسفي ۽ شاعريءَ ذريعي مسلمانن ۾ خودي، خودداري، اتحاد ۽ آزادي جو شعور بيدار ڪيو. سندس تصور پاڪستان اهڙيءَ معاشري جي بنياد هو جتي سڀني شهرين کي مذهب، رنگ ۽ نسل کان مٿانهون ٿي هڪجهڙا حق حاصل هجن. يوم اقبال جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته علامه اقبال جو شاعري ذريعي پيغام اڄ به اسان لاءِ مشعل راهه آهي. سندس شاعري نوجوان نسل کي محنت، علم، خوداعتمادي ۽ بلند حوصلن سان اڳتي وڌڻ جو درس ڏئي ٿي. اقبال هڪ مضبوط، خودمختيار ۽ ترقي يافته قوم جي جوڙجڪ لاءِ فڪري بيداري ۽ عملي جدوجهد تي زور ڏنو. هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه اقبال جي خوابن جي ساڀيان لاءِ ضروري آهي ته پاڪستان ۾ جمهوريت، انصاف، مذهبي رواداري، پائيچاري ۽ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي ڏني وڃي. اقليتن سميت سمورن شهرين کي برابر جا حق ۽ هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ ئي هڪ مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان جي ضمانت آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته اسان کي علامه اقبال جي شاعري ذريعي پيغام نئين نسل تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن نوجوان سندس فڪر ۽ فلسفي مان رهنمائي حاصل ڪري ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن. پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي [illegible]

بقايا 18 ***

وڙجڪ بابت تجويز گذريل ٻن مهينن کان بحث هيٺ آهي. سڄي دنيا ۾ انتظامي يونٽ ننڍا ٿيندا ويندا آهن. پاڪستان جي آبادي وڌي وئي آهي ۽ ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي. هن چيو ته افغانستان ۾ 8 کان 10 صوبا هئا، جن کي ورهائي 30 کان 32 صوبا بڻايا ويا. صوبائي راڄڌاني وارن شهرن جا اختيار انتظامي يونٽن ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجن. جيئن سموري طاقت لاهور، ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ پشاور تائين محدود نه رهي، خواجا آصف چيو ته وفاق کان منتقل ٿيندڙ فنڊ صوبائي حڪومتن جي رحم ڪرم تي رهجي وڃن ٿا. اصل ۾ انهن فنڊن جي منزل مڪاني ادارا آهن. پر اهي ادارا به صوبائي حڪومتن جي اختيارن هيٺ آهن. بجاءِ واري وزير جو چوڻ هو ته سياستدانن کي سمجهڻ گهرجي ته طاقت عوام جي امانت آهي. پر سياستدانن جو نقطه نظر اهو آهي ته سموري طاقت پاڻ وٽ رکڻ چاهين ٿا.

بقايا 19 ***

ترقي، خوشحالي ۽ عوامي خدمت جي ايجنڊا تي اعتماد ڪيووزيراعظم جو چوڻ هو ته عوام ۾ ڪاميابي نواز شريف جي قيادت، ڪارڪنن جي محنت ۽ عوامي حمايت جو نتيجو آهيهن چيو ته وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز شريف جون ڪوششون ڪاميابي جو اهم ڪردار رکن ٿيون، خدمت، ترقي ۽ خوشحالي جو سفر وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

بقايا 20 ***

۽ آهي ڇاڪاڻ ته واهه جي صلاحيت ۾ بهتري سان قيمتي پاڻي جي بچت ٿيڻ ۽ ڪراچي لاءِ موجوده پاڻي جي مقدار ۾ اضافو ٿيڻ جي اميد آهي. وڏي وزير انهن ڪمن جي پيش رفت، ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻي جي ذخيري جي دستيابي ۽ ڪوٽڙي بئراج جي فيزيبلٽي جو جائزو ورتو جڏهن ته لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته واهه ۽ بئراج جي ايندڙ بندش دوران ڪراچي ۽ حيدرآباد کي پاڻي جي اڻٽٽ فراهمي يقيني بڻائي وڃي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن اجلاس ۾ رٿابندي، ترقيات ۽ آبپاشي جي وزير جام خان شورو، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهه، سيڪريٽري آبپاشي ظريف کهڙو، سي اي او ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن احمد علي صديقي، سي اي او سنڌ پيپلز هائوسنگ فائونڊيشن خالد محمود ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. آبپاشي واري وزير جام خان شورو ۽ سيڪريٽري آبپاشي ظريف کهڙو کي فور سان لاڳاپيل ڪي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ جي ڪمن جي اڳڀرائي، پاڻي پهچائڻ جي بهتر صلاحيت ذريعي امڪاني پاڻي جي بچت ۽ ڪينجهر ڍنڍ ۾ پاڻي جي ذخيري ۽ دستيابي جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن اجلاس کي ڪوٽڙي بئراج جي فيزيبلٽي رپورٽ ۽ صوبي جي طويل الميعاد پاڻي جي انتظاميا ۽ سيڪيورٽي لاءِ ان جي اهميت بابت پڻ بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ ان ڳالهه جو جائزو ورتو ويو ته ڪي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ جا ڪم پاڻي جي نقصان کي گهٽائڻ ۽ ڪي فور منصوبي کي پاڻي فراهم ڪندڙ نظام جي صلاحيت کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهن ٿا. شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي پڻ بحث ڪيو ته انهن ڪمن جي اڳڀرائي کي ڪراچي جي وڌندڙ پاڻي جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڏي وزيران ڳالهه تي زور ڏنو ته ڪراچي جي پاڻي جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ نه صرف انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ جي ضرورت آهي پر اڳ ئي موجود پاڻي جو بهتر استعمال پڻ ضروري آهي. هن چيو ته پاڻي پهچائڻ دوران ٿيندڙ نقصان کي گهٽائڻ ۽ واهن جي نيٽ ورڪ جي صلاحيت کي بهتر بڻائڻ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته شهر تائين وڌيڪ پاڻي پهچي سگهي. وڏي وزير مراد شاهه چيو ته ڪراچي جي پاڻي جون گهرجون وڌي رهيون آهن. ۽ اسان کي ان جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ گهرجن. واهن جي بهتر انتظاميا ۽ لائيننگ جي ڪمن ذريعي پاڻي بچائڻ ايترو ئي اهم آهي جيترو پاڻي جو نئون انفراسٽرڪچر تيار ڪرڻ. ڪينجهر ڍنڍ بابت ڳالهائيندي وڏي وزير ان جي ذخيري ۽ دستياب پاڻي جي وسيلن جي مسلسل نگراني جي ضرورت تي زور ڏنو. هن آبپاشي کاتي ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن کي هدايت ڪئي ته اهي پاڻ ۾ ويجهو رابطو رکن ۽ پنهنجي فراهمي جي انتظامن جو بنياد پاڻي جي دستيابي جي جديد ۽ حقيقتائي جائزي تي رکن. اجلاس ۾ ايندڙ واهه ۽ ڪوٽڙي بئراج جي بندش دوران ڪراچي ۽ حيدرآباد لاءِ فراهمي برقرار رکڻ جي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ويو. وڏي وزير آبپاشي کاتي ۽ ڪي ڊبليو اينڊ ايس سي (KW&SC) کي هدايت ڪئي ته اهي گڏجي ٻنهي شهرن جي گهرجن جو جائزو وٺن. وقت کان اڳ انتظام تيار ڪن ۽ ڪنهن به قسم جي خلل کان بچڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ وقتائتي رابطي کي يقيني بڻائين. هن هدايت ڪئي ته شهرن ۾ پاڻي جي فراهمي ترجيح رهڻ گهرجي. ناقص منصوبابندي يا رابطي جي کوٽ سبب شهرين کي اهڙي تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي جنهن کان بچي سگهجي ٿو سڀني لاڳاپيل کاتن کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته ايندڙ بندش واري عرصي کان گهڻو اڳ مڪمل ڪيا وڃن. ڪوٽڙي بئراج جي فيزيبلٽي رپورٽ ۾ زير بحث آئي. وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڻي جي وڏي انفراسٽرڪچر بابت فيصلا مضبوط فني جائزي، طويل الميعاد پائيداري ۽ صوبي جي پاڻي جي گهرجن تي ٻڌل هجڻ گهرجن. هن شهري فراهمي تي ڪنهن به اثر کي گهٽ ڪندي پاڻي جي سيڪيورٽي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هم آهنگ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو سڏ ڏنو هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته لاڳاپيل اختيارين کي ڪي بي فيڊر سي سي جي لائيننگ جي ڪمن تي اڳڀرائي جي ويجهڙائي سان نگراني ڪن ۽ يقيني بڻائين ته متوقع پاڻي جي بچت جو صحيح جائزو ورتو وڃي ۽ ان کي ڪراچي لاءِ مستقبل جي پاڻي جي فراهمي جي منصوبابندي ۾ شامل ڪيو وڃي. وڏي وزير چيو پاڻي جو هر قطرو قيمتي آهي. اسان کي ان کي بچائڻ گهرجي، نقصانن کي گهٽائڻ گهرجي ۽ پنهنجي آبپاشي ۽ پاڻي جي فراهمي جي نظام جي صلاحيت کي بهتر بڻائڻ گهرجي. اسان جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته ڪراچي جي عوام کي وڌيڪ ڀروسي جوڳي ۽ پائيدار پاڻي جي فراهمي ملي. شهري پاڻي جي سروسز کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ورجائيندي وڏي وزير مراد شاهه چيو ته حڪومت پاڻي جي انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري جاري رکندي، موجوده نظام جي صلاحيت کي بهتر بڻائيندي ۽ آبپاشي کاتي ۽ شهري پاڻي جي ادارن جي وچ ۾ رابطي کي مضبوط ڪندي. هن چيو ته حڪومت جو ڌيان فراهمي جي فوري چيلينجز کي حل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي پاڻي جي وڌندڙ ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پائيدار انتظامن کي ترقي ڏيڻ تي آهي. وڏي وزير سڀني لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي چوڪس رهن، ويجهو رابطو برقرار رکن ۽ ايندڙ بندش دوران ٻنهي شهرن کي پاڻي جي فراهمي ۾ ڪنهن به قسم جي خلل نه اچڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ وقتائتا قدم کڻن.

بقايا 21 ***

مولي اعتماد هو ۽ هو نوجوانن کي قوم جي مستقبل جو معمار سمجهندا هئا. علامه محمد اقبال جي يوم پيدائش جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته مفڪر پاڪستان علامه محمد اقبال کي ڀيٽا پيش ڪيان ٿو هن چيو ته علامه اقبال اسلامي تعليمات جي فڪري پهلوئن کي بحث جو موضوع بڻايو جڏهن ته سندس اسلامي فڪر مسلمانن کي عملي رهنمائي فراهم ڪري ٿي انهيءَ ته منفرد سڃاڻپ جو شعوري وطن جي حصول واري جدوجهد ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو وزيراعظم وڌيڪ چيو ته نوجوانن لاءِ اقبال جي شاهين واري تصور ۾ بهادري، خودمختياري ۽ ڪمال حاصل ڪرڻ جو عزم سمايل آهي. شهباز شريف چيو ته فڪر اقبال پائيدار قومي ترقي لاءِ امن، سماجي هم آهنگي ۽ رواداري ۽ انصاف جو درس ڏئي ٿو.

بقايا 22 ***

تان نيوي جو لاهور ۾ اسٽيشن ڪمانڊر ڪموڊور مصباح الامين خاص مهمان هو اسٽيشن ڪمانڊر ڪموڊور مصباح الامين مزار اقبال تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. خاص مهمان گارڊز ۾ شامل پاڪستان رينجرز ۽ پاڪ بحريه جي دستن جو معائنو پڻ ڪيو. ان موقعي تي ڪنداني پاڪ بحريه جي چاق چوبند دستي مزار اقبال تي اعزازي گارڊز جا فرض سنڀالي ورتا، وفاقي وزير احسن اقبال پڻ مزار اقبال تي حاضري ڀري ۽ فاتحه خواني ڪئي.

بقايا 23 ***

بال ڏهاڙي تي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ چيو آهي ته ڊاڪٽر علامه محمد اقبال پنهنجي فلسفي خودي جي ذريعي مسلمانن کي پاڻ سڃاڻڻ، پاڻ تي ڀروسي ۽ عمل جو درس ڏنو هن چيو ته مفڪر پاڪستان جو خودي جو پيغام، يقين محڪم، مسلسل جدوجهد ۽ بلند حوصلي جي علامت آهي. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ٿيل بيان موجب سيد مراد علي شاهه واضح ڪيو ته علامه اقبال جي نظرئي ننڍي کنڊ جي مسلمانن ۾ آزادي ۽ الڳ قومي سڃاڻپ جو شعور بيدار ڪيو ۽ پاڪستان جي قيام جو تصور ڏيڻ فڪر ۽ سياسي بصيرت سان گهرو تعلق رکي ٿو. سندس چوڻ هو ته حڪيم الامت نوجوانن کي بلند مقصدن، علم ڪردار جي مضبوطي جو پيغام ڏنو جڏهن ته سندس 'شاهين' نوجوانن ۾ بلند پروازي، پاڻ تي ڀروسي ۽ مشڪلاتن جو مڙسي سان مقابلو ڪرڻ جو استعارو آهي. سنڌ جي وڏي وزير زور ڀريو ته پاڪستان کي مضبوط، ترقي يافته ۽ خوشحال بڻائڻ لاءِ اسان کي اقبال جي افڪارن مان رهنمائي حاصل ڪرڻي پوندي. هن عوام بالخصوص نوجوانن کي اپيل ڪئي ته هو اتحاد، علم، محنت ۽ قومي ذميواري جي اقبال جي خواب کي حقيقت بڻائيندڙ ۽ خودي، عمل ۽ اتحاد جي پيغام کي پنهنجي زندگين جو حصو بڻائين. هن وڌيڪ چيو ته اقبال جي نظرئي تي عمل ڪري ئي هڪ مضبوط، خودمختيار ۽ روشن پاڪستان جو بنياد رکي سگهجي ٿو.

بقايا 24 ***

جي قومي تاريخ جو عظيم سرمايو آهي. جنهن پنهنجي فڪر، شاعري ۽ پيغام ذريعي هڪ سٺل قوم کي بيدار ڪيو ۽ ان کي اهڙي فڪري تحريڪ ڏني جيڪا آخرڪار پاڪستان جي قيام جو بنياد بڻي. هن چيو ته علامه محمد اقبال نه صرف هڪ آزاد وطن جو خواب ڏٺو پر ان خواب کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ قائداعظم محمدعلي جناح جي چونڊ جي دعوت ڏني. سومر ڏينهن يوم اقبال جي موقعي تي وفاقي وزير احسن اقبال، علامه محمد اقبال جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ فاتحه خواني ڪئي. اڳيان جي شاعر جي ڪتاب جي خراج عقيدت پيش ڪيو ان موقعي تي هن مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا. ان موقعي ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته علامه محمد اقبال ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي سندس شاندار ماضيءَ جي روشن رُخن سان روشناس ڪرايو ۽ انهن ۾ اها خاطري پيدا ڪئي ته هو پنهنجي صلاحيتن، اجتماعي قوت ۽ بلند ڪردار ذريعي وڏي کان وڏو ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهن ٿا. وفاقي وزير چيو ته سال 2026 ۾ آهيون ۽ اڄ اسڪول ۾ داخل ٿيندڙ ٻار هر ٻار درحقيقت 2047 ع جي پاڪستان جو معمار آهي. ان لاءِ اسان کي نئين نسل کي علم، تحقيق ۽ جديد علم ۾ اهڙي قابليت سان سينگارڻو پوندو ته هو مستقبل جي چيلينجز جو مقابلو ڪري سگهن. هن چيو ته اسان کي پنهنجي صلاحيتن ۽ قومي وسيلن تي اعتماد ڪندي علم ۽ هنر جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻو پوندو ته جيئن پاڪستان هڪ مضبوط، خوداعتماد ۽ ترقي يافته ملڪ بڻجي سگهي.

بقايا 25 ***

ڊي ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي ۽ اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جيز ايسٽ، ساؤٿ ۽ سي ٽي ڊي، چيف سي پي ايل سي، ايس ايس پيز سي ٽي ڊي، ايسٽ، ملير ۽ اي ايل سي سميت شهيد جي عزيزن، وارثن ۽ علائقي وارن شرڪت ڪئي.ان موقعي تي ايس ايس پي ملير شهيد انسپيڪٽر جي سروس ڪيريئر ۽ ڏوهن خلاف سندس نمايان خدمتن تي مختصر روشني وڌي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو شهيد جي وارثن سان تعزيت ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ سندس ايصال ثواب لاءِ دعا ۽ فاتحه خواني ڪئي آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ پوليس جي پهرين ترجيح واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ شهيد جي وارثن کي انصاف جي فراهمي آهي پوليس کاتو شهيد انسپيڪٽر جاويد ابڙو جي خدمتن ۽ ڏوهن خلاف سندس جدوجهد کي خراج عقيدت پيش ڪري ٿوهن چيو ته شهيدن جون قربانيون سنڌ پوليس جو قيمتي اثاثو آهن، جن کي هميشه ياد رکيو ويندو شهيد انسپيڪٽر فرض نڀائڻ دوران پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري پوليس کاتي جو سر فخر سان بلند ڪيوجاويد عالم اوڍو جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ پوليس شهيد انسپيڪٽر جي وارثن سان گڏ آهي ۽ سرپرست وانگر بيٺل آهي، انهن جي هر ممڪن مدد ۽ سنڀال پوليس کاتي جي ذميواري آهي.

بقايا 26 ***

تحت مالي امداد فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد چيو آهي ته ٿرپارڪر ۾ ڏڪار واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي غريب خاندانن جي مالي مدد لاءِ پروگرام تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تحت ضلعي جي مستحق ماڻهن کي هر ممڪن سهائتا فراهم ڪئي ويندي ميڊيا سان ڳالهائيندي روبينا خالد چيو ته مستحق ماڻهن جي سروي اڳ ئي مڪمل ٿيل آهي ۽ 32 کان گهٽ اسڪور رکندڙ ماڻهن کي مالي امداد ڏني پئي وڃي. جيڪڏهن سنڌ سرڪار 32 کان وڌيڪ اسڪور جي حد مقرر ڪري ٿي ته امداد حاصل ڪندڙن جو انگ وڌي ويندوهن واضح ڪيو ته سنڌ سرڪار طرفان ڏني ويندڙ امداد بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ رقم کان علاوه هوندهن چيو ته امدادي رقم جي ورهاست شفاف بڻائڻ لاءِ ضلعي انتظاميا جو سهڪار حاصل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڊي سي آفيس ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪري شڪايتون ٻڌيون وينديون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي حقدارن جي جيو ٽيگنگ ڪئي پئي وڃي ۽ سندن والٽ اڪائونٽ کوليا پيا وڃن. جڏهن ته رقم جي ادائيگي لاءِ هاڻي 6 بئنڪون مجاز هونديونهن چيو ته هي پروگرام غريب ماڻهن جي مدد لاءِ آهي، تنهنڪري ان کي سياست جي ور چاڙهڻ کان پاسو ڪيو وڃيروبينا خالد موجب، سڄي ملڪ ۾ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ غريب ماڻهو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. اهو خيرات نه، پر غريب ماڻهن جي مالي مدد آهي ته جيئن هو پنهنجا معاشي مسئلا گهٽائي سگهن.

بقايا 27 ***

ن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته چين ۾ ٿيندڙ ملاقاتن دوران ڪيترن ئي اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي، جن ۾ ايران سان جنگ جو خاتمو ۽ ايٽمي هٿيارن جي معاملي تي ڳالهائي پڻ شامل آهناهي ملاقاتون ايندڙ هفتي چين ۾ ايشيا پئسفڪ اقتصادي سهڪار (اي پي اي سي) جي سربراهي اجلاس جي موقعي تي ٿيڻ جو امڪان آهيان کان اڳ آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل رپورٽ ڪيو هو ته روسي صدر ولاديمير پيوٽن يوڪرين جنگ جي خاتمي لاءِ ڊونلڊ ٽرمپ ۽ شي جن پنگ سان ٽه ڌري ملاقات ڪرڻ چاهي ٿوٻئي پاسي چين جي نائب صدر جي خاص ايلچي زاڻي ٿانگ ڊورو ڪيو جتي هن سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي نائب سيڪريٽري علي باقري سان ملاقات ڪئي. ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي موجب، چيني ايلچي جو دورو ٻطرفن لاڳاپن، علائقائي سلامتي ۽ عالمي صورتحال بابت تهران ۽ بيجنگ وچ ۾ جاري مشاورت جو حصو آهي.

بقايا 28 ***

رسيد اويس قادر شاهه سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئيملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن، ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۽ قانونسازي بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ پڻ موجود هئابعهي اسپيڪر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ، پارليامينٽري ادارن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ جديد پارلياماني ترقي بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه ڪمار کي سنڌ اسيمبلي جي تاريخي اهميت بابت آگاهه ڪيو جتي 3 مارچ 1943 ع تي هڪ الڳ مسلم رياست جي قيام جي حق ۾ تاريخي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو هن سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر وفد کي سنڌ اسيمبلي جي تاريخي ايوان ۽ موجوده اسيمبلي جي عمارت جو دورو پڻ ڪرايواسپيڪر قومي اسيمبلي سردار اياز صادق سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران ڪيل آجيان ۽ ميزباني تي ساراهيوان موقعي تي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر معزز مهمانن کي سنڌ اسيمبلي جي لگيسي شيلڊ، سنڌ ۽ ان جي قانونساز اسيمبلي جي تاريخ بابت ڪتاب، روايتي سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا.

بقايا 29 ***

نتائين عوام جي ڪلهن تي بار وجهندي رهندي پنهنجي بيان ۾ ڊاڪٽر فاروق ستار چيو ته هڪ طرف پيٽروليم شين تي ڳري ٽيڪس ۽ ليوي ذريعي عوام کان اربين روپيا وصول ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته ٻئي طرف فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي نالي تي بجلي جي بلن ۾ وڌيڪ بوجھ وڌو پيو وڃي آهي. هن چيو ته بجلي جي في يونٽ 2.3673 روپيا في يونٽ فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي واڌ ڪئي وئي آهيهن چيو ته پيٽرول جي قيمت 346 رپيا في ليٽر آهي، جنهن ۾ مجموعي ٽيڪس ۽ ڊيويز لڳ ڀڳ 114 رپيا في ليٽر آهن. جڏهن ته ڊيزل جي قيمت 378 رپيا في ليٽر آهي ۽ ان ۾ لڳ ڀڳ 100 رپيا في ليٽر ٽيڪس ۽ ڊيويز شامل آهنفاروق ستار سوال اٿاريو ته جڏهن ٻارڻ تي اڳ ۾ ئي ڳرا ٽيڪس ۽ ليوي وصول ڪيا پيا وڃن ته پوءِ سڄي ٻارڻ جي قيمتن ۽ بجلي جي پيداواري لاڳت ۾ واڌ جو بار بجلي جي بلن ذريعي به عوام تي ڇو منتقل ڪيو پيو وڃي هن چيو ته مهانگائي، بيروزگاري ۽ بجلي ۽ گئس جي ڳري بلن اڳ ۾ ئي عام ماڻهوءَ جون مشڪلاتون وڌائي ڇڏيون آهن اهڙين حالتن ۾ عوام تي وڌيڪ مالي بار وجهڻ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي.

بقايا 30 ***

ڪريان ٿو صدر چيو ته علامه اقبال جي شاعري برصغير جي مسلمانن کي پنهنجي مستقبل جا فيصلا پاڻ ڪرڻ جي طاقت جو احساس ڏياريو ۽ سندن امنگن کي فڪري رهنمائي فراهم ڪئي. هن چيو ته علامه اقبال جي شاعريءَ ۾ آزادي ۽ عزت ڀري زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو پيغام موجود آهي. اقبال جي شاعري استحصال خلاف آواز اٿاريو ۽ غريبن کي سندن حقن ۽ مقام جو احساس ڏياريو صدر آصف زرداري چيو ته علامه اقبال محنت ڪندڙن جي عزت ۽ وقار کي اهميت ڏني ۽ عام ماڻهن کي انسانيت جي روشن مستقبل جو مرڪز قرار ڏنو هن وڌيڪ چيو ته علامه اقبال جي شاعري ۾ ايشيا جي بيداري ٿيڻ جو به هڪ سگهارو پيغام موجود هو اقبال ايشيا جي عوام تي زور ڏنو ته غلاميءَ مان نڪري پنهنجي مستقبل جي اڳواٽ پاڻ ڪن ۽ پنهنجي سرزمين ۽ ملڪ جا مالڪ بڻجن. صدر زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي جدوجهد اسان جي سياسي تاريخ جو مسلسل حصو رهي آهي.

بقايا 31 ***

5 نومبر تي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ ڪجهه آئيني درخواستن تي ڪارروائي معطل ڪرڻ جي فيصلي سان ڪيترون ئي پيچيدگيون پيدا ٿيون آهنبيرسٽر گوهر چيو ته هو آئيني عدالت جي فيصلي سان سياسي شخصيتن سان گڏ عام ماڻهو به متاثر ٿي رهيو آهي. ڪيترون ئي پيچيدگيون پيدا ٿيون آهن هن چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ 10 نومبر تي مقرر ٿيل آءِ جا ڪيسز ئي لسٽ ڪري ڇڏيا. عدالت کي انتظامي سطح تي ڪيسز جي لسٽ نه ڪرڻ گهرجن هابيرسٽر گوهر چيو ته عدالت کي ٻڌائي ڪري 5 نومبر جي فيصلي جي لاڳو ٿيڻ جو تعين ڪرڻ گهرجي ها، حڪم امتناع واپس وٺڻ ۽ وفاقي آئيني عدالت سان رجوع ڪندااسٽيٽ واضح رهي ته وفاقي آئيني عدالت 5 نومبر جي فيصلي ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ کي ايم پي او تحت گرفتارين جا ڪيس ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

بقايا 32 ***

جو هڪ ٽڪرو ڪري پيو جنهن سبب ان ٽيڪ پٽ مان پاڻي ٽنل ۽ پاور هائوس ۾ داخل ٿي ويوڊپٽي ڪمشنر هريپور موجب، تي فائيو جي بند جو هڪ حصو ٽٽڻ سبب ٽنل نمبر 5 ۾ پاڻي ڀرجي ويو واقعي کانپوءِ منصوبي جي ڪم ڪندڙ سمورن پرڏيهي ڪنٽرول ڪميشن جي ڊپٽي ڪمشنر هريپور ڪر ٻو ته ايندڙ 2 کان 3 ڏينهن دوران سنڌو درياهه ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ چاڙهه جو امڪان آهيدرياهه جي ڪنارن سان رهندڙ شهرين کي احتياطي اپاءَ وٺڻ ۽ پنهنجا مال متاع ترت محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 33 ***

وقت ڌنڌ ڇانيل رهڻ جو امڪان ظاهر، جنهن سبب حد نظر معمول کان گهٽ ٿي سگهي ٿي موسميات کاتي جي ارلي وارننگ سينٽر جي اڳڪٿي موجب اڱاري ۽ اربع تي ڪراچي جي موسم خشڪ رهڻ جو امڪان آهيموسميات کاتي موجب ڏينهن جي وقت ۾ ڌنڌ ڇانئجڻ جو امڪان آهي صبح جي وقت ۽ ڌنڌ ڇانئجڻ جو گرمي کاتي موجب شهر ۾ وڌ کان وڌ گرمي پد 33 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي سامونڊي هوائن کان علاوه بلوچستان ۽ ٿرپارڪر جي طرف کان به هوائون هلي سگهن ٿيونموسميات کاتي خبردار ڪيو آهي ته ڏينهن ۽ رات جي گرمي پد ۾ نمايان فرق سبب انساني صحت ۽ گهريلو جانور متاثر ٿي سگهن ٿا.

بقايا 34 ***

سي سي ٽي وي فوٽيج حاصل ڪري ورتا آهن، جن ۾ موٽرسائيڪل تي سوار ٻن شڪي حملا آورن کي ڏسي سگهجي ٿوذريعن موجب ٻنهي جوابدارن پنهنجي سڃاڻپ لڪائڻ لاءِ هيلمٽ ۽ ماسڪ پاتا هئا فوٽيج ۾ هڪ جوابدار کي ابڙو ويجهو اچي فائرنگ ڪندي ڏٺو ويو فائرنگ جي نتيجي ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او کي ست گوليون لڳيون ۽ هو موقعي تي ئي شهيد ٿي ويوواضح رهي ته ڪراچي جي علائقي گلشن حديد ۾ گهر ٻاهر فائرنگ ڪري سنڌ پوليس جي انسپيڪٽر جاويد ابڙو کي شهيد ڪيو ويو هو جڏهن ته سندس گهر واري زخمي ٿي وئي هئياختيارين موجب گذريل سال جاويد ابڙو جي پٽ اي ايس آءِ محمد خان ابڙو کي به عدالت تان واپسي تي گهر ٻاهر فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو هو هن قتل ۾ ملوث جوابدار جعفر عرف ٻوبي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هوپوليس جو چوڻ آهي ته جاويد ابڙو پنهنجي پٽ جي قتل جي ڪيس جو مدعي هو ۽ کيس ڪافي عرصي کان ڌمڪيون ملي رهيون هيون.

بقايا 35 ***

ڪوٽ طرف وٺي ويا آهن ٻن ڊي پي او موجب پوليس شاهه الماس پير پهاڙي تي ٻيهر ڪنٽرول سنڀالي ورتو آهي جڏهن ته دهشتگردن خلاف سرچ آپريشن جاري آهي پوليس جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ فورسز جي ڳري نفري واقعي واري هنڌ تي پهچي وئي ڊي پي او صلاح الدين ڪنڊي موجب دهشتگرد اغوا ڪيل ٽنهي پوليس اهلڪارن کي سان پهاڙي تي لڪائي ڪاٽو ٿيڻ طرف وٺي ويا آهن پوليس جوانن شاهه الماس پير پهاڙي تي ٻيهر ڪنٽرول سنڀالي ورتو آهي جڏهن ته فرار ٿيندڙ دهشتگردن جي ڳولا جاري آهيٻئي طرف دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيندڙ ڪانسٽيبل فيروز علي جي نماز جنازه پوليس لائين هنگو ۾ سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊي پي او هنگو صلاح الدين ڪنڊي، پاڪ فوج ۽ پوليس جي آفيسرن،جوانن شرڪت ڪئيهن موقعي تي ڊي پي او هنگو سميت ٻين آفيسرن شهيد جي لاش تي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ شهيد جي عظيم قرباني کي خراج عقيدت پيش ڪيو نماز جنازه جي ادائيگي کان پوءِ شهيد ڪانسٽيبل فيروز علي جو جسم مڪمل سرڪاري اعزاز سان سندس آبائي ڳوٺ ابراهيم زئي روانو ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 01

مڻ پيشم وڪرم اميت سان گڏجي ڳوٺ بودر وڃي خاندان سان تعزيت ڪئي اتي وڃي انهن معصوم ٻارن جي ڪي تي مهينن جو راشن ۽ 65هزار ڪيش رقم ڏني باقي ڏانو ڏاندل سوندر موڪئي اجروئي وڃي اتي انهي واقعي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي خاندان سان تعزيت ڪئي ۽ هڪ مهيني جو راشن ڏنو هي پوسٽ رکڻ جو مقصد جيڪو بودر ۾ جنهن گهر جا پنج ڀاتي فوت ٿيا اهي انتهائي غريب آهن ۽ پويان ننڍا معصوم ڳلن جهڙا ننڍڙا ٻار آهن انهي جي مدد جي لاءِ سنڌ حڪومت سرهندي وارن دوستن کي اپيل ڪجي ٿي تمام ڏوڪيندڙ منظر اسان اتي ڏٺا انهي ڪري توهان سينن کي التجا آهي ته انهن جي مالڪي ڪيو وس آهر مدد جي اپيل آه هن ڪيس ۾ اسلامڪوٽ جو دينو مينگهواڙ فوت ٿيو انهي جو ننڍڙو يونيورسٽي ۾ پڙهي ٿو انهي جي فيس معاف ٿيڻ لاءِ اپيل جيڪي ملازم پي پي آ جا هئا اهي پڪا ن ها انهي جي ب مالڪي ٿيڻ کپي پويان انهن جي گهرڀاتين اولاد مان ڪنهن ن ڪنهن کي نوڪريون ملڻ کپن انهي لاءِ سينن دوستن کي پنهنجو رول ادا ڪري مالڪي ڪرڻ کپي

بقايا عوامي سوچ 02

محمد خان ٻارڻ کي برادري جي پڳ ٻڌائي وئي. تقريب ۾ ٻارڻ برادري جي معززين، بزرگن، نوجوانن ۽ سوين ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري برادري جي اتحاد، اتفاق ۽ ڀائيچاري جو ڀرپور اظهار ڪيو. تقريب جو اهتمام عبدالرحمان ٻارڻ، اقبال احمد ٻارڻ ۽ فياض احمد ٻارڻ پاران ڪيو ويو. جڏهن ته پروگرام ۾ برادري جي ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت سبب تقريب کي خاص اهميت حاصل رهي. ان موقعي تي اڳوڻي يوسي ناظم ڄار وڏيري محمد خان ٻارڻ کي برادري جي پڳ ٻڌائي ڪيس برادري جي سربراهي ۽ اعتماد جي علامت طور مان ڏنو ويو. تقريب دوران برادري جي ماڻهن پاران وڏيري محمد خان ٻارڻ سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي سندس خدمتن کي ساراهيو ويو. تقريب ۾ حاجي شفيع محمد ٻارڻ، ڊي اي او سجاول، وڏيرو يعقوب ٻارڻ، وڏيرو علي محمد ٻارڻ، وڏيرو محمد امين ٻارڻ، وڏيرو يوسف ٻارڻ داروغو، مولوي عبدالله ٻارڻ، رمضان ٻارڻ سجاول، ولي محمد ٻارڻ، سائين بشير احمد ٻارڻ، غلام قادر ٻارڻ، مغل ٻارڻ، سائين غلام مصطفيٰ ٻارڻ، علي نواز ٻارڻ، حاجي يوسف ٻارڻ، انور علي ٻارڻ، رمضان علي ٻارڻ، حبيب الله ٻارڻ، علي اڪبر ٻارڻ، ذوالفقار علي ٻارڻ، محمد صديق ٻارڻ، قربان علي ٻارڻ، غلام حسين ٻارڻ، فقير اصغر ٻارڻ، اشرف بابلي ٻارڻ، ملڪ حاجي ٻارڻ، مبارڪ ٻارڻ، عارب ٻارڻ، نواز ٻارڻ، عباس علي ٻارڻ ،رحمان مولوي فقير ٻارڻ، نياز علي ٻارڻ، علي محمد ٻارڻ، غلام سرور ٻارڻ، فاروق ٻارڻ، ۽ سوين برادريءَ جي معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آيل سيني مهمانن کي اجرڪن، ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا عوامي سوچ 03

ن سميت ٽف ٽائل جي ڪمن ۾، پبلڪ هيلٿ، روڊس، ورڪس اينڊ سروسز جي ڪمن ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي من پسند ٺيڪيدارن پاران مبينا طور منظور ٿيل ڪمن جي جاءِ تي ڪٿي به ڪم نظر نٿو اچي، علائقي واسين جي دعوا آهي ته: . روڊس کاتو: ڳڙهي خيرو جي مختلف ڳوٺن لاءِ ٽف پيوور جي نالي تي 58 بوليون آيون، پر 19 ڪروڙ جو ٺيڪو هڪ ئي فرم کي ڏنو ويو. ٽينڊر ۾ ڳوٺ جو نالو ئي نه هو اڄ تائين انهن ڳوٺن ۾ ٽف ٽائل جو هڪ به پٿر نظر نٿو اچي. . پبلڪ هيلٿ کاتو: ڪاغذن ۾ پاڻي جي اسڪيمون منظور، پر زمين تي نه پائيپ، نه ٽينڪي، نه پاڻي. هڪ اسڪيم ته اهڙي ڳوٺ جي نالي تي رکي وئي جيڪو ڳوٺ ئي موجود ناهي. ورڪس اينڊ سروسز:※ وفاقي گرانٽ مان 26 ڪروڙ 89 لک ڪان وڏيڪ خرچ ڏيکاريو ويو، پر روڊ اڃا تائين غائب آهن. دوداپور _ ڳڙهي خيرو روڊ، قصبن جا اندروني روڊ، سڀ ڪاغذن ۾ ٺهي ويا، زمين تي تباهه آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته: > "ڪم ڪٿي ٿيو آهي؟ اسان کي ڏيکاريو. اسان جي ڳوٺ ۾ نه روڊ آهي، نه ٽف ٽائل آهي، نه پاڻي آهي. پئسو ڪيڏانهن ويو؟" اسان جو مطالبو آهي: ڳڙهي خيرو جي سيني منظور ٿيل اسڪيمن جي لسٽ، ورڪ آرڊر ۽ ٺيڪيدارن جا نالا ظاهر ڪيا وڃن. هر اسڪيم جي جاءِ تي جاچ ٽيم موڪلي وڃي ۽ ڳوٺاڻن آڏو ڪم چيڪ ڪرايو وڃي. جتي ڪم نه ٿيو آهي، اتي پئسا واپس ورتا وڃن ۽ ذميوار آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ڳڙهي خيرو وارن کي ڪاغذي ترقي نه، حقيقي روڊ، پاڻي ۽ ٽف ٽائل گهرجي!

بقايا عوامي سوچ 04

ريلي ڪڍي شهيد بلو ڀنهور چوڪ تي مظاهرو ڪيو ويو اڳواڻن پاران ايس ايس پي جا م شورو تي جانبداري جو الزام هڻندي ڪيس هٽائڻ سميت دلشير برفت جي قتل جي عدالتي جانچ جو مطالبو ڪيو ويو بلڙي شاه ڪريم :جام شورو جي صحافي ڏتي بخش باريجو عظيم باريجو ۽ اسماعيل باريجو جي گهرن تي پوليس پاران چڙهائي سندن گهر ڊاهڻ عظيم باريجو جي گرفتاري عورتن جي تزليل ڪرڻ خلاف پريس ڪلب بلڙي شاه ڪريم جي صحافين ۽ يونين آف جنرلسٽ ٽنڊو محمدخان جي اڳواڻن پاران پريس ڪلب جي صدر سيد مير بادشاه عثمان ڀنهور رفيق رند يونين آف جنرلسٽ ٽنڊو محمدخان جي صدر سينئرصحافي رمضان شورو يونين آف جنرلسٽ جي اڳوڻي صدر بشير چشتي ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته ايس ايس پي جام شورو بااثرن جي ونگار وهندي دلشير برفت جي قتل جي آڙ ۾ باريجا ڀائرن سان انتقامي ڪارروايون ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا اڳواڻن جو چوڻ هو ته دلشير برفت جي قتل جي جديشنل انڪوائري ڪري اصل قاتلن کي واڪو ڪيو وڃي ۽ باريجا ڀائرن تا ڪوڙا ڪيس ختم ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي بلڙي شاه ڪريم : اڳواڻن ايس ايس پي جام شورو پاران دلشير برفت جي قتل بابت جوڙيل جي آءِ ٽي کي رد ڪندي جديشنل انڪوائري جو مطالبو ڪيو ويو جڏهن ته احتجاج ۾ صحافي الطاف حسين رند فرضان علي رند علي ڏنو رند عاجز عبدالقيوم لاشاري رانا اطهر ناز نورل خاصخيلي عبدالجبار جمالي ۽ بيا گڏ هئا جيڪي ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن سان انصاف جو مطالبو ڪري رهيا هئا

بقايا عوامي سوچ 05

ڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ايم اين اي پير امير علي شاه جيلاني ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي ايم پي اي قاسم سراج سومرو ايم پي اي ڊاڪٽر ڪٽومل جيوڻ سينيٽر پونجومل ڀيل ضلع صدر ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو سينيٽر انجنيئر گيانچند ٿاراڻي ڪمشنر ميرپورخاص ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي سينيٽر ڪرشنا ڪولهي ضلع جنرل سيڪريٽري ششيل ڪمار ملاڻي درشن ڪمار ملاڻي ويرجي ڪولهي شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ ٿرپارڪر ضلع جي مستحق عورتن کي وڌيڪ سهولت مهيا ڪرڻ جي حڪمت عملي بابت ڳالهيون ٿيون انهي موقعي تي سراج سومرو سمير ٿاراڻي ارباب اڪبر عادل امير علي دل ڪريم ڏنو دل ڪملا ڀيل سمترا منجياڻي پرديپ اوڃها غلام جوڻيجو وڏيرو نواز جوڻيجو ڪمليش لوهاڻو ايپمني مهراج ڪندن مالهي اشوڪ چوهاڻ پريو ڀيل رزاق سميجو حفيظ سميجو غني لنگهو ديپڪ شرما سچن واسو ۽ بيا موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 06

تان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو عوام لاءِ هڪ عظيم ۽ تاريخي تحفو آهي گمبٽ هي منصوبو تقريباً ٽن سالن اڳ ان وقت سامهون آيو، جڏهن بلاول ڀٽو زرداري گمبٽ ۾ لنگ ٽرانسپلانٽ سينٽر جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي گمس گمبٽ جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي به سائٽس گڏ هو انهي تقريب ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته گمبٽ کي هاڻي صرف هڪ اسپتال وارو شهر نه ۾ پاڪستان جو هيلٿ سٽي بڻايو ويندو اڄ اهو واعدو حقيقت جي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي قومي شاهراهه تي مثالي مقام گمبٽ هيلٿ سٽي جي سڀ کان وڏي طاقت ان جو جغرافيائي مقام آهي هي منصوبو قومي شاهراهه نيشنل هاءِ وي تي واقع آهي جيڪا سڄي پاڪستان کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿي گمبٽ اهڙو مرڪزي نقطو آهي جتان لاڙڪاڻو خيرپور ميرس سکر نوشهروفيروز شڪارپور، گهوٽڪي ۽ پنو عاقل جهڙا وڏا ضلعا سڌو سنئون ڳنڍيل آهن روزانو هزارين گاڏيون بسون ايمبولينسون ۽ مسافر هتان گذرن ٿا ڪراچي کان پشاور ويندڙ هر مسافر گمبٽ مان گذري ٿو يعني هي هيلٿ سٽي صرف گمبٽ يا خيرپور جي ماڻهن لاءِ نه پر سنڌ پنجاب بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه جي لکين ماڻهن لاءِ آهي غريب عوام لاءِ مفت معياري علاج گمبٽ هيلٿ سٽي منصوبي جو اصل مقصد اهو آهي ته غريب ۽ مستحق مريض کي به اهو علاج ملي جيڪو دنيا جي وڏن ملڪن ۾ اميرن کي ملي ٿو گمس گمبٽ ۾ اڳ ئي جگر گردن ڦڦڙن جي پيوندڪاري، دل جي بيمارين ٻارن جي بيمارين ڪينسر ۽ ٻين پيچيده بيمارين جو مفت علاج ٿي رهيو آهي هاڻي هيلٿ سٽي بڻجڻ ڪانپوءِ اهي سهولتون اڃا وڌيڪ وڌنديون سابق وڏو وزير سنڌ سيد قائم علي شاه جو بيان گمبٽ هيلٿ سٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي خواب جي تڪميل آهي اسان هميشه چاهيو ته سنڌ جي غريب عوام کي پنهنجي ئي در تي مفت ۽ معياري علاج ملي بلاول ڀٽو زرداري ان خواب کي حقيقت ۾ بدلايو آهي گمبٽ اڄ سڄي پاڪستان لاءِ فخر جوڳو شهر بڻجي ويو آهي اڳوڻو صوبائي وزير منظور حسين وسان ايم اين اي سيد جاويد علي شاه جيلاني جو بيان صحت جي شعبي ۾ گمبٽ جو ترقي ڪرڻ سنڌ جي عورتن ۽ ٻارن لاءِ وڏي خوشخبري آهي. هتي مائرن ۽ ٻارن کي هاڻي علاج لاءِ وڏن شهرن ڏانهن نه وڃڻو پوندو هي منصوبو اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ صحتمند مستقبل جي ضمانت آهي. مان بلاول ڀٽو زرداري جي هن ويزن کي سلام پيش ڪريان ٿي ايم اين اي سيد فضل شاه جيلاني پ پ سينئر پير سيد ڪاظم علي شاه لڪياري ايم پي اي گمبٽ اسفنديار خان ڪرل جو بيان گمبٽ هيلٿ سٽي منهنجي تڪ ۽ سڄي خيرپور ضلعي لاءِ هڪ تاريخي تحفو آهي هي منصوبو نه صرف هزارين ماڻهن کي مفت علاج ڏيندو، پر هزارين نوجوانن کي روزگار به ڏيندو مان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ٿورائتو آهيان جنهن گمبٽ کي پاڪستان جي صحت جو گاديءَ وارو شهر بڻائڻ جو فيصلو ڪيو روزگار ۽ معيشت ۾ انقلاب هيلٿ سٽي صرف اسپتال نه اهو روزگار جو به وڏو ذريعو آهي هن منصوبي سان ڊاڪٽرن نرسن پيراميڊڪس، ٽيڪنيشنز ۽ عام مزدورن لاءِ هزارين نوڪريون پيدا ٿينديون مقامي ڪاروبار هوٽل ٽرانسپورٽ ۽ دڪانن کي به فائدو ٿيندو بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن بلاول ڀٽو زرداري هميشه چيو آهي ته صحت هر شهري جو بنيادي حق آهي. گمبٽ هيلٿ سٽي انهي خواب جي تڪميل آهي گمبٽ هيلٿ سٽي صرف سرن ۽ عمارتن جو منصوبو نه هي زندگيون بچائڻ جو منصوبو آهي. هي منصوبو سنڌ جي عوام لاءِ فخر آهي ۽ سڄي پاڪستان لاءِ اميد آهي گمبٽ هاڻي صرف هڪ شهر نه اهو پاڪستان جي صحت جو گاديءَ وارو شهر بڻجڻ وڃي رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 07

تي احتجاج، ڪوٽڙي جي صحافي عظيم باريجو ۽ سندس ڀاءُ سان ڪورٽ جي احاطي ۾ حملو ۽ گرفتارين ۽ گهرن تي حملن ۽ پوليس پاران گهر ۾ گهڙي عورتن سان بدتميزي ڪرڻ جي واقعي خلاف عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ تي ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان تعلقه گمبٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ريجنل يونين آف جرنلسٽس پاڪستان تعلقي گمبٽ جي صدر مريد حسين ٽانوري خيرپور جو نائب صدر شير محمد ناريجو شهزاد ملڪ طارق جتوئي سليم اڄڻ شير محمد گوپانگ ديدار لاکو عظيم سيال علي نواز جوڻيجو علي بخش گوپانگ نظر حسين سهتو لال خان مري شوڪت آرائين مسڪين شيخ سميت صحافين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج کي خطاب ڪندي مريد حسين ٽانوري شير محمد ناريجو شهزاد ملڪ طارق جتوئي چيو ته صحافي باريجا ڀائر اڪيلا ناهين پوري صحافي برادري انهن سان گڏ آهي. هنن چيو ته جيستائين صحافي عظيم باريجو ۽ سندس ڀاءُ احتجاجي مظاهرا ڪيا مظاهرين حڪومت سنڌ کي چتاءُ ڏنو ته ڪوٽڙيءَ جي صحافين باريجا ڀائرن کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ صحافي برادري سخت احتجاج ڪندي ،جنهن جي ذميواري انهن ماڻهن جي هوندي جن صحافين سان زيادتي ڪئي. هنن چيو ته صحافين کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ صحافين ۾ ڦهليل بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 08

ڪري الله ۽ ان جي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي ڏسيل وات تي هلڻ جي تلقين ڪندي وڏن جو احترام ڪري ننڍڙن سان پيار ڪرڻ جي پڻ تلقين ڪندي ملڪ جي فلاح و بهبود، امن، سلامتي، خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون. ان موقعي تي درگاه امير شاه جيلاني جو خدمتگار غلام قادر جوکيو، درگاه سيد گل حسن شاه شيرازي جو خليفو خداڏنو منجهري، عثمان جوکيو ۽ بيا پڻ وڏي انگ ۾ موجود هئا. جن پاران درگاه تي حاضرين پيري دعائون گهريون ويون.

بقايا عوامي سوچ 09

شريف ماڻهون بااثر لڏائي ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا اسان وٽ زمين جا مڪمل دستاويز به موجود آهن ڪورٽ ۾ ڪيس به هلندڙ آهي روينيو انتظاميا بااثر جي ونگارون بڻيل آهي. احتجاج ڪندڙ گلال برادري کي لڏائڻ جي مذمت ڪريون ۽ ڪمشنر سکر ،ڊي سي خيرپور ،ڊي آءِ جي سکر ،ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ٿا شفاف جاچ ڪري گلال برادري سان انصاف ڪيو وڃي ۽ ڪوڙا ڪيس ختم ڪري، سڪون سان پنهنجن گهرن ۾ رهڻ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 10

ڪرڻ جا الزام لڳائيندي اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي.بلاول وڌيو موجب 7 نومبر 2026 ع تي بندر روڊ ٽرمل جي ويجهو الله بخش وڌيو ٻن نامعلوم ماڻهن کي ڪيس مارڻ لاءِ پٺيان لڳايو ۽ حملو ڪرايو. هن وڌيڪ الزام لڳايو ته الله بخش وڌيو ڪافي عرصي کان ڪيس ڌمڪيون ۽ هراسان ڪندو رهيو آهي، جنهن خلاف هن ايس ايس پي سکر آفيس ۾ درخواست پڻ جمع ڪرائي هئي، جڏهن ته آباد ٿاڻي تي اين سي به داخل ڪرائي هئي.هن ٻڌايو ته هلندڙ سال جنوري ۾ سندن وڏي سردار شڪيل آصف خان وڌيو معاملي جو فيصلو ڪيو هو ۽ ان جي ذميواري پڻ قبول ڪئي هئي، پر هاڻي ڪيس پنهنجي ڪزن الله بخش وڌيو کان پاڻ ۽ پنهنجي گهرڀاتين کي خطرو آهي.بلاول وڌيو چيو ته سندس والد غريب ٿهلي وارو آهي ۽ هو پاڻ به غريب آهي. هن ايس ايس پي سکر، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته ڪيس ۽ سندس گهرڀاتين کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 11

رَمضان هيجب، ڳوٺ عثمان هيجب، ڳوٺ ڪريم بخش هيجب ۽ ٻين ڪيترن ئي متاثر ڳوٺن جي ڳوٺاڻن پاران ٺٽي ۾ پنهنجون قديمي وسنديون ۽ زمينون بچائڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو حاجي ڪريم بخش هيجب، عبدالحڪيم هيجب، باغي غلام علي جاڪرو، منظور هيجب جاڪرو، عبدالرشيد، محمد حسين، محمد صديق، محمد ايوب، عبدالواحد، نبي بخش هيجب ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي الزام هڻندي چيو ته اسان جي اَبن ڏاڏن جون قديمي ڪوهستاني زمينون ۽ ڪيٽ موجود آهن. جنهن تي بااثر شخص ماجد حسين نوناري ليز ڏيکاري قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. هنن چيو ته انساني آبادين ۾ ليز نٿي ڏيئي سگهجي. 2014 ايڪٽ پاس ٿيل اهي، انوائرمينٽ ايڪٽ تي عمل نه ڪيو پيووڃي، هنن چيو ته اسان پنهنجي ڪوهستاني زمينن تي ڪو به قبضو برداشت نه ڪنداسين، هنن چيو سنڌ حُڪومت مَقامي ڳوٺن کي تحفظ فراهم ڪري اسان جي زمينن تان قبضا ختم ڪرائي، ٻئي صورت ۾ انصاف نه ملڻ تي وڌيڪ راءِ عمل جوڙي سخت احتجاج ڪيويندو. هنن وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي سندن زمينن تي ٿيندڙ مبينا قبضا توڙي ليزون ختم ڪرائي بااثر قبضاگيرن توڙي ليز هولڊرن خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 12

جانورن جي پالنا ڪاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وگڻ جي خاص هدايتن تي جانورن جي پالنا ڪاتي ٺٽي جي ٽيم ڊاڪٽر نيل ڪمار، ابراهيم پليجو، منظور برڙو ۽ حبيب الله بروهي جن پهچي چوپائي مال کي مختلف وچرندڙ بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين ڪري بيمار جانورن جو علاج پڻ ڪيو ويو. ان موقعي تي ڊاڪٽر نيل ڪمار ٻڌايو ته هنن جي اڄ ڏياري عيد هجڻ باوجود جانورن جي پالنا ڪاتي ٺٽي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض وگڻ جي خاص هدايتن تي ڳجو لڳ ڳوٺ شوڪت جوکيو ۾ پهچي چوپائي مال کي ويڪسين ڪري بيمار جانورن جو علاج پڻ ڪيو آهي، جنهن ڪري ڀاڳئين اسدالله جوکيو ۽ ٻين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي ويئي آهي، ڊاڪٽر نيل ڪمار چيو ته اسان جي ڪاتي پاران چوپائي مال کي مختلف بيمارين کان بچاءَ خاطر اڳواٽ ويڪسين مهم جاري اهي، جڏهن ته قائم ڪيل اسپتالن توڙي سينٽرن تي عملو ۽ هروقت موجود رهي ٿو ڀاڳئين کي گهرجي ته هو اسانجي عملي سان لهه وچڙ ۾ اچي پنهنجي چوپائي مال جو مفت علاج ۽ ويڪسين ڪرائين. هن چيو ته موبائل گشتي ٽيمون پڻ پنهنجو ڪم بهتر نموني ادا ڪري رهيون آهن. ان موقعي تي مقامي رهواسي ڀاڳئين اسدالله جوکيو ۽ ٻين پڻ جانورن جي پالنا ڪاتي ٺٽي جي ٽيم جو ٿورو مڃيو. جن سندن ڳوٺ پهچي سندن بيمار جانورن جو علاج ڪري ڪرن ويڪسين لڳرائي ويمي، جيئن سندن چوپايو مال هميشه لاءِ بيمارين کان محفوظ رهي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 13

دس پامال ڪرڻ واري معاملي تي چڪتاڻ پيدا ٿي وئي آهي. متاثر خاندان جي دعويٰ موجب سعيد مراد ولد آمون بروهي اڳ به ڳوٺ جي عورتن کي هراسان ڪرڻ، رات جي وقت گهرن ۾ داخل ٿيڻ ۽ هڪ نيائتي سان مبينا زيادتي جي الزام هيٺ جيل ڀوڳي چڪو آهي. جڏهن ته ڄاڻايل ڪيس عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي. ڳوٺاڻن پاران متس ڳوٺ ۾ اچڻ تي پابندي لڳائڻ باوجود، متاثر خاندان جو الزام آهي ته سندس ڀاءُ آڪرا پرچي جوا جو اڏو هلائيندڙ وحيد مراد جي پٺڀرائي سبب ڪيس ٻيهر ڳوٺ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. متاثر خاندان موجب گذريل رات سعيد مراد مرحوم نواز بروهي ۽ سانوڻ بلوچ جي گهرن ۾ داخل ٿيو، جتي عورتن سان مبينا طور غيراخلاقي حرڪتون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن بعد متاثر خاندان پاران احتجاج ڪرڻ تي سندس ڀاءُ عورتن سميت گهرن تي حملو ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. ان سلسلي ۾ سانوڻ بلوچ ۽ ٻين متاثر ماڻهن جنگشاهي پوليس چوڪي تي درخواست داخل ڪرائڻ بعد پريس ڪلب جنگشاهي پهچي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اسان جي خاندانن کي سخت خطرو آهي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. متاثر خاندان ايس ايس پي ٺٽو، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، نامزد جوابدارن ۽ مبينا طور کين تحفظ ڏيندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندانن کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 14

و پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پنهنجي حڪومت هوندي به گذريل 18 سالن کان پنهنجي ٻچن جي روزگار لاءِ پريشان آهيان، منهنجي شهيد پٽ شاهجهان قريشي جي رت سان هيءَ حڪومت ٺهي، جيڪا اڄ تائين هلي رهي آهي، پرافسوس جو شهيد جي وارثن کي انصاف ۽ روزگار ڏيڻ بدران دربدر ڪيو پيووڃي، هن چيو ته جڏهن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري منهنجي گهر آيو هو ته هن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه کان پڇيو هو ته شهيدن جي وارثن کي ڇا ڏنو اٿوَ؟ جنهن تي وڏي وزير پنج لک رپيا ڏيڻ جو ٻڌايو، پر مون کي صرف ٻن لک رپين جو چيڪ مليو. ان کان علاوه پوليس ڪاتي ۾ اي ايس آءِ جي نوڪريءَ جو آرڊر ڏيڻ بدران سپاهي جو ڪوڙو آرڊر ڏنو ويو. لالا عبدالستار قريشي چيو ته پيپلز پارٽي کي پنهنجي زندگيءَ جا 60 سال ڏنا آهن، پر ان جي بدلي ۾ رڳو اذيتون، تڪليفون ۽ درد مليا آهن. اڄ تائين پيپلز پارٽي ضلعي دادو جي صدر پير مجيب الحق منهنجي گهر اچڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پراهو به نه پڇيو آهي ته شهيد جي وارثن جي زندگي ڪيئن گذري رهي آهي. هن چيو ته مان پاڻ رانديگر آهيان ۽ سنڌ جي وڏي وزير کي روزگار سميت مختلف مسئلن بابت درخواستون ڏنيون، پر انهن جو ڪو به جواب نه مليو. جڏهن ته پنجاب جي هڪ رانديگر کي سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پنج ڪروڙ رپيا انعام ڏئي ٿو هن الزام لڳايو ته شهيد جي وارثن سان ناانصافي ٿي رهي آهي، هن وڌيڪ چيو ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري کي ڏهه ڀيرا درخواستون موڪليون آهن. جن تي صدر وڏي وزير ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ کي هدايتون پڻ جاري ڪيون، پر ان باوجود انهن هدايتن تي عمل نه پيو ڪيو وڃي، شهيد شاهجهان جا ٻئي پٽ مهانگائي جي هن دور ۾ بيروزگار آهن. جن جي روزگار لاءِ روزانو سنڌ حڪومت کي اپيلون ڪري رهيو آهيان، پر شهيد جي وارثن جو حال اهو آهي جو پنهنجي ئي حڪومت ۾ دربدر آهيون. هن چيو ته سڄي ملڪ ۾ چونڊيل نمائندا وڏا وڏا نعرا هڻي رهيا آهن، پر شهيدن جي وارثن جي مسئلن ڏانهن ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي، اڳ ۾ به ناانصافين خلاف ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو هو، جنهن تي ايم اين اي دادو_جوهي رفيق احمد جمالي انصاف ڏيارڻ جي خاطري ڪرائي احتجاج ختم ڪرايو، پرافسوس جو ان واعدي تي به عمل نه ٿيو. هن وقت منهنجي گذر سفر جو واحد ذريعو پينشن آهي، لالا عبدالستار قريشي اعلان ڪيو ته هو جلد اسلام آباد وڃي صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آڏو سنڌ حڪومت ۽ دادو جي چونڊيل نمائندن جي بي ڌياني خلاف احتجاج ڪندو. جڏهن ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي مزار آڏو به احتجاج ڪيو ويندو جيئن شهيد پٽ جي وارثن کي انصاف ۽ سندس ٽن بيروزگار ڀائرن کي روزگار ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 15

لي کي رد ڪندي ڏڪار متاثرين کي چوپائي مال جو چارو، اڌ قيمت تي ڪٽڪ سميت راشن فراهم ڪرڻ ۽ ديه وائيز سينٽر قائم ڪري راشن ڪارڊ ذريعي امدادي ڪارروايون شروع ڪرڻ ۽ ٿر ڪول جي اربين روپين واري رائلٽي جي رقم ڏڪار ج ي مستقبل حل ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، ٿر سٽيزن فورم جي چيئرمين اوپايو جوڻيجو عظمي ابڙينگ، اعجاز بجير، ساجن چارو، قربان سميجو، جي ايم سونهاراڻي ۽ ٻين هنگامي ردعمل ڏيندي ڪيو. هنن چيو ته ٿر جي 18 لک آبادي ۽ 3 لک 50 هزار ڪان وڌيڪ خاندان آهن جن مان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي صرف هڪ لک 26 هزار 44 عورتن کي بسپ جي رقم ملي ٿي اها به عورتن جي تذليل ڪري ڏني وڃي ٿي جيڪا 150 ڊوائيس هولڊر في عورت جي رقم مان 1 هزار ڪان 2 هزار تائين ڪٽوتي ڪن ٿا ۽ 80 سيڪڙو ڊوائيس هولڊر مقامي چونڊيل نمائندن جا وانا آهن جيڪا ڪرپشن واري رقم اڻ سڌي ريت انهن جي کيسي ۾ وڃي ٿي، هنن چيو ته ٿر جي ڏڪار کي 3 مهينا گذري چڪا آهن سنڌ حڪومت اعلان هاڻي ڪيو آهي اڃان سروي ڪرائڻ جو سوچيو پيو وڃي جيڪا اسان مقامي چونڊيل نمائندن ۽ سنڌ حڪومت جي نااهلي سمجهون ٿا، هنن چيو ته نادرا وٽ هر خاندان رجسٽرڊ آهي تنهن ڪري عورتن جي تذليل ڪرڻ بجاءِ مرد کي بينفشريز بڻائي عورتن کي ذليل ۽ خوار ٿيڻ کان بچايو وڃي، هنن چيو ته اسان سنڌ حڪومت کي انهي فيصلي جي مڪمل مخالفت ڪيون ٿا ڇو جو ان رستي پيپلزپارٽي مخالف خاندان جي دل آزاري پڻ ٿيندي ۽ پيپلزپارٽي پنهنجو ووٽ پڪو ڪرڻ جو ڊرامو به ڪري رهي آهي جنهن ڪري سرڪار ڏڪار سٽيل ماروئڙن جي مدد لاءِ چوپائي مال جي چاري سميت اڌ قيمت تي امدادي سامان فراهم ڪري، هنن چيو ته ٿر جا 18 لک آبادي رکندڙ مارئڙا ڪاري سون جا مالڪ آهن جنهن ڪول هي 70 ارب ڪان وڌيڪ رقم سنڌ حڪومت جي اڪائونٽ ۾ منافعي سميت پيل آهي جيڪا رقم سنڌ حڪومت ٿرجي ڏڪار جي مستقبل حل ۽ بنيادي سهولتن لاءِ خرچ ڪرڻ جي پاليسي ناهي وڃي ته جئين ٿر جا ماڻهو هر سال سرڪار جي اعلان جو انتظار ڪرڻ بجاءِ پنهنجي رقم تي مستقبل بنيادن تي فائدو حاصل ڪري سگهن، هنن چيو ته ٿر ڪول جي رائلٽي بابت مقامي چونڊيل نمائندا هڪ لفظ به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهن تنهن ڪري ٿرجي ماڻهن وٽ اهو سوال آهي ته سنڌ حڪومت رائلٽي واري رقم يا ته ڳڙڪائي ويئي آهي يا ته اها رقم ٿر تي خرچ ڪرڻ جي نيت نه ٿي رکي، هنن چيو اسان سنڌ سرڪار کان مطالبو ٿا ڪيون ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي ڏڪار واري امداد ڏيڻ بجاءِ ڏڪار سٽيل ماروئڙن جي مالي امداد لاءِ چوپائي مال جو چارو، ماڻهن جي کاڌ خوراڪ لاءِ امدادي سامان راشن ذريعي ديه يا بلاڪ وائيز سينٽر قائم ڪري هنگامي بنيادن تي رليف ڪارروايون شروع ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 16

سيڪريٽري سشيل ڪمار ملاڻي چيلهار شهر پهچي اڳوڻي ٽائون وائيس چيئرمين ڪرمچند مينگهواڙ جي نوجوان پٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي چيلهار شهر ۾ پتو مينگهواڙ جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي انهي موقعي تي تعلقه صدر سراج سومرو تعلقه جنرل سيڪريٽري پرديپ اوڃها ريجهومل راٺوڙ رستم راٺوڙ سومار جهنجهي فاروق جهنجهي امتياز ڏوهٽ چندر ننگاڻي ديپڪ شرما سچن واسو ساڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 17

ڏنت کي خون ڄاڻائيندا رهندا آهن هاڻي جهڙي کي قبائلي علائقي تاثر ڏئي جهڙو وڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، ٻن قومن جي جهيڙي جو تاثر ڏئي رهيا آهن ليڪن شروعاتي ڄاڻ موجب ٻن دوستن وچ ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان تڪرار پيش آيو، هڪ ڄڻو فوت، جوابدار گرفتار حاصل ڪيل شروعاتي معلومات موجب واقعو ٻن گروپن وچ ۾ جهيڙي جو نتيجو نه هو، پرفوتي عزيز شيخ ۽ شبو گندرو پاڻ ۾ ويجها دوست ۽ پاڙيسري هئا، جيڪي تقريباً روزانو گڏ ويهندا هئا. واقعي واري رات به ٻئي گڏ ويٺل هئا. شروعاتي ڄاڻ موجب عزيز شيخ جا ڪجهه پئسن تان ، ٻنهي وچ ۾ منهن ماري ۽ هٿين پئجي وئي، ان دوران عزيز شيخ جو مٿو پٿر سان لڳڻ سبب ڪيس سخت ڌڪ رسيو. جيڪو سندس موت جو سبب بڻيو.واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي مبينا جوابدار شبو گندرو کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته فوتي عزيز شيخ جو لاش پوليس تحويل ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوسٽ مارٽم رپورٽ ۽ پوليس جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ واقعي جا وڌيڪ تفصيل ۽ موت جا اصل سبب سامهون اچي سگهندا. واضح رهي ته هي تفصيل هن وقت تائين حاصل ٿيل شروعاتي معلومات تي ٻڌل آهن. واقعي جي حتمي حقيقت جاچ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ ڪانپوءِ ئي سامهون ايندي.

بقايا عوامي سوچ 18

علي جانوري پاڪ ڪتاب کڻي انصاف لاءِ دادو پريس ڪلب پهچي ويو، جتي هن دانهيندي الزام لڳايو ته سندس ڌيءَ مسڪان جي بشير نالي شخص سان شادي ٿيل هئي، جنهن کان طلاق ٿيڻ بعد مخالف ڌر جي ماڻهن هٿيارن جي زور تي سندس گهر تي قبضو ڪري گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته هاڻي هو ان پلاٽ تي اڏاوت ڪرڻ چاهين ٿا، گهر تي قبضي ۽ ان کي ڊاهڻ خلاف ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي تي به دانهن ڏني آهي، پر پوليس اڃا تائين سندس گهر تان قبضوختم ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي، ڇاڪاڻ ته مخالف بااثر آهن، جنهن سبب هو پنهنجي گهر ۽ ملڪيت کان محروم ٿي انصاف لاءِ دربدر ٿي رهيو آهي، هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي گهر تي قبضي جي شفاف جاچ ڪرائي، جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندس گهر واپس ڪرائي ٿيل ناانصافين جو ازالو ڪري ڪيس تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 19

جنگشاهي: يوسي ڪوهستان ست پاڳي چار ۾ ڳوٺ سبزعلي بروهي ويجهو انڙ ۽ بروهي برادري وچ ۾ زمين جي ڌنگ جو معاملو سامهون آيو، جنهن تي جنگشاهي جي معزز امينن اڳوڻي ناظم بشير احمد جوکيو ۽ ضلعي ڪائونسل ميمبر حسن علي عرف پورو جوکيو جي موجودگي ۾ ٻنهي ڌرين جو موقف ٻڌو ويو. ان موقعي تي ٻنهي ڌرين پنهنجا زمين جا ڪاغذ ۽ پراڻو رڪارڊ پيش ڪيو. جنهن جو جائزو ورتو ويو. امينن پاران رڪارڊ ۽ دستاويزن جي مڪمل ڇنڊڇاڻ بعد ٻنهي ڌرين جي موقف کي نظر ۾ رکندي فيصلو ڪرڻ جو چيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 20

لاءِ رضاڪارانه طور تي ڪم ڪري رهيو آهي، شاعر مشرق، مفڪر اسلام علامه محمد اقبال جي ولادت جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته قوم جي بابا جي خود انحصاري ۽ جدوجهد جو فلسفو هرفرد، خاص طور تي معذورن لاءِ روشني جو ڏيک آهي. هن پنهنجي پيغام ۾ چيو ته علامه اقبال هميشه خود اعتمادي، همت ۽ مسلسل جدوجهد جو سبق سيکاريو، معذوري ڪنهن به شخص جي صلاحيتن جي رستي ۾ رڪاوٽ نه بڻجي سگهي ٿي، جيڪڏهن ان کي مناسب موقعا، احترام ۽ خودداري جو احساس ڏنو وڃي. سنڌ سميت هڪ امير ملڪ ۾، خاص ماڻهو بيشمار صلاحيتن سان مالا مال آهن. اهو ضروري آهي ته اسان، اقبال جي بازن وانگر، انهن جي اندر لڪيل توانائي کي اجاگر ڪريون. پرويزعلي سولنگي وڌيڪ چيو ته علامه اقبال جي ڏينهن جو اصل مقصد صرف خراج تحسين پيش ڪرڻ نه آهي، پر سندس خيالن تي عمل ڪرڻ آهي. حڪومت، سماج کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهڙو ماحول فراهم ڪري سگهجي جتي معذور ماڻهو ڪنهن تي به انحصار نه ڪن پر بااختيار شهري جي حيثيت سان ملڪ جي ترقي ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن. هن پنهنجي عزم کي ورجايو ته هو سنڌ جي معذور ماڻهن جي ڀلائي، انهن جي حقن جي فراهمي ۽ انهن کي سماج جو هڪ سرگرم حصو بڻائڻ لاءِ پنهنجي رضاڪارانه جدوجهد ۽ خدمتن کي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رکندو

بقايا عوامي سوچ 21

روڊ بندي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن ڪري ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته غلام رسول ڪوسو سندس پٽ نادر ڪوسو ۽ جيڪي نصرپور جا رهواسي آهن جنهن اڄ اسان تي حملو ڪري موبائل فون موٽرسائيڪل ڦر ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي. جيڪي اسان کي مسلسل ڌمڪيون ڏيندا رهيا آهن هن حوالي سان پوليس کي پڻ آگاهه ڪيو آهي پر پوليس انهن جي خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي احتجاج ڪندڙ مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ياد رهي شاهپور ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيندڙ رستم ڪوسو جي قتل بعد ڪوسا برادري جو چڪتاڻ وڌي ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 22

ٽي،تقريب ۾ حاجي هارون ميمڻ، باني ۽ قائد آل سکر ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز ۽ صنعان اسلام شيخ، بي او ڊي ميمبر سيپڪو، خاص شرڪت ڪئي ۽ نئين چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو.ان موقعي تي آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي ڪابينا پڻ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ سرپرست اعليٰ مولانا عثمان فيضي، چيئرمين چاچا گلزار ڀٽو، وائيس چيئرمين ناظر الدين شيخ، صدر نعيم بدر قريشي، سينئر نائب صدر محمد فياض خان، نائب صدر ٻيو عبدالرشيد قريشي، جنرل سيڪريٽري جنيد شيخ، ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري عبدالهادي بندهاني ۽ فنانس سيڪريٽري عرفان قريشي شامل هئا،حاجي هارون ميمڻ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته واپاري برادري ملڪ جي معيشت ۾ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي. واپارين جي اتحاد ۽ اتفاق سان ئي سندن مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. نئين چونڊيل ڪابينا واپارين جي حقن جي تحفظ ۽ ڪاروباري مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري،صنعان اسلام شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته واپاري برادري جي مسئلن جو حل ۽ لاڳاپيل ادارن سان بهتر رابطا وقت جي اهم ضرورت آهن. واپارين ۽ ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطن سان ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ڏئي سگهجي ٿي، هن نئين چونڊيل ڪابينا لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو.نئين چونڊيل صدر عبيدالدين صديقي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته هو نمڪ بازار جي سمورن واپارين کي گڏ کڻي هلندو ۽ سندن مسئلن جي حل، حقن جي تحفظ ۽ اتحاد ۽ اتفاق جي فروغ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪندو.نئين چونڊيل جنرل سيڪريٽري عبدالله شيخ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته تنظيم کي فعال ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ سمورن واپارين سان صلاح مشورا ۽ رابطا يقيني بڻايا ويندا. واپارين جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي اجاگر ڪري انهن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.تقريب جي پڄاڻي تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ خاص مهمانن کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي حاجي هارون ميمڻ ۽ صنعان اسلام شيخ نئين چونڊيل ڪابينا کي سنڌ جي روايت موجب اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي مبارڪباد ڏني.تقريب جي پڄاڻي تي نمڪ بازار جي عهديدارن نئين چونڊيل ڪابينا کي مبارڪون ڏنيون. جڏهن ته ڪابينا ان عزم جو اظهار ڪيو ته نمڪ بازار لياقت چوڪ جي واپارين جي حقن جي تحفظ، مسئلن جي حل ۽ ڪاروباري سرگرمين جي فروغ لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 23

ماڳ موهن جو دڙو تي ٻن ملڪن جرمني،اٽلي کان سياحن جو وفد قديم ماڳ موهن جو دڙو پهتوان موقعي تي وفد ميوزيم اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۾ تهذيبي ۽ تاريخي آثارن جو دورو ڪيو آهي وفد جو چوڻ هو ته هنن جرمني ۽ اٽلي ۾ قديم تهذيب موهن جو دڙو ۽ هڙاپا بابت لٽريچر پڙهيو آهي ان ڪري هو پاڪستان ۾ انهن ٻنهي ماڳن تي اچي قديم ڊرينيج سسٽم ۽ تهذيبن جي اسٽڪچر جو جائزو وٺڻ پئي چاهيو هنن چيو ته لٽريچر پڙهي ڪين معلومات ته اڳيئي ملي هئي پرهتي اچي انهن شين جو مشاهدو ڪرڻو هو جنهن ۾ ڪافي فرق مليو هنن چيو ته هتي اچي کين اهو محسوس ٿيو ته هتان جي قديم ماڻهن بهترين اسٽڪچر ٺاهيا ۽ شهر جو ڊرينيج نظام جوڙيو جيڪو سڌريل ملڪن کان 5 هزار سال پهريون تعمير ٿيو هو ٻنهي ملڪي وفد کي موهن جو دڙو جي ڪيوريٽر احسان عباسي پليڪار ڪيو جڏهن ته وفد جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي،

بقايا عوامي سوچ 24

ملازم پاران ڪنڊا مافيه کي 50 هزار روپين عيوض ٽرانسفارمر ورڪو ڪري ڏنو ويو آهي جڏهن ته بئلنس پورو ڪرڻ لاءِ وري ميٽر رکندڙ صارفين تي غيرقانوني ڊيڊڪشن لڳائي وڃي ٿي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪنڊا مافيه به هزار روپين کان پنجويهه سئو روپين عيوض ڪنيڪشن لڳائي ڏين ٿا ٽرانسفارمر تي وڌيڪ لوڊ اچڻ سبب ڪجهه ڏينهن بعد ئي ٽرانسفارمر سڙي تووڃي جنهن کي نهرائڻ لاءِ وري ميٽر رکندڙ صارفين کان پئسا ورتا وڃن ٿا ياد رهي ته بجلي وکرو ڪندڙ واپڊا ملازم تي ماضي ۾ به رشوت خوري جا الزام لڳندا رهيا آهن جنهن ڪري ڪيس ضلعي بدر پڻ ڪيو ويو هو پر وري رشوت ڏئي ۽ سفارشون ڪرائي اچي ويو آهي واپڊا اختيارين کي گهرجي ته بجلي وکرو ڪندڙ ملازم خلاف سخت ڪان سخت ڪاروائي ڪري ميٽر رکندڙ صارفين کي پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ٽون پلاننگ ۽ ميمبر اسٽيئرنگ ڪميٽي سنڌ ايم پي اي قاسم سراج سومرو، ايم پي اي خيبر پختونخوا ميڊم اشرف جدون، ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي، ڊائريڪٽر جنرل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ثناءُ الله رند، وائيس چيئرمين ضلعي ڪائونسل عمرڪوٽ ميان خالد ولهاري، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ سيف الله خالد، سراج سومرو، اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سئيو، پاڪستان پيپلز پارٽي جو انفارميشن سيڪريٽري گهنشام داس ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار ۽ شخصيتون شريڪ ٿيون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي اجلاس کي ضلعي عمرڪوٽ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت جاري قدمن ۽ مستحق ماڻهن جي رجسٽريشن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ضلعي عمرڪوٽ ۾ مجموعي طور تي 114,737 عورتون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ آهن. جڏهن ته 83,646 ٻار پڻ هن پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙن ۾ شامل آهن. اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان ميڊم روبينا خالد چيو ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف جي هدايتن تي هوءَ هتي آئي آهي، جيئن ٿر جي عوام جا مسئلا سڌيءَ ريت ٻڌي سگهجن ۽ انهن جي حل لاءِ قدم کنيا وڃن. هن چيو ته سنڌ حڪومت خشڪ سالي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي متاثر علائقن لاءِ رليف جي منظوري ڏني آهي ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سنڌ حڪومت جي سهڪار سان مستحق عورتن تائين رليف پهچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي جديد تقاضائن موجب بڻائڻ ۽ مستحق عورتن کي امدادي رقم جي ادائيگي وارو نظام وڌيڪ آسان ۽ شفاف ڪرڻ لاءِ والٽ اڪائونٽ کوليا پيا وڃن. جڏهن ته مستحق عورتن کي مفت سمون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ ڇهن مختلف پارٽنر ادارن سان معاهدا ڪيا ويا آهن. جن ۾ ايڇ بي ايل بينڪ، جاز ڪيش، بينڪ الفلاح، ايڇ بي ايل مائڪرو فنانس بينڪ ۽ ٻيا مالياتي ادارا شامل آهن. جن ذريعي مستحق عورتون پنهنجي امدادي رقم وصول ڪري سگهنديون. ميڊم روبينا خالد چيو ته پروگرام ۾ مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائڻ اسان ج وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن. هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن ڪو به عنصر مستحق عورتن جي امدادي رقم مان ڪٽوتي، غيرقانوني وصولي يا ڪنهن به قسم جي بدعنواني ۾ ملوث ڏٺو ويو ته ان خلاف فوري ڪارروائي ڪئي ويندي. صحافين جي مختلف سوالن جا جواب ڏيندي چيئرپرسن ٻڌايو ته هن وقت سڄي ملڪ ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ عورتن جا والٽ اڪائونٽ کوليا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پروگرام جو دائرو وڌائيندي 45 سالن جي عمر وارين غيرشادي شده عورتن کي پڻ پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيئن مستحق عورتن کي مالي سهائتا جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ ضلعي عمرڪوٽ ۽ ٿرجي صحرائي علائقن ۾ مستحق عورتن کي پيش ايندڙ مسئلن، امدادي رقم جي شفاف ادائيگي، والٽ اڪائونٽن جي قيام، رجسٽريشن ۽ پروگرام تحت سهولتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 26

ج ڪيو متاثر وڏيري علي رضا منگنيجو دانهيندي چيو ته تقريبن ٻه مهينا اڳ منهنجي پلوڙ نسل جون پنج ٻڪريون جن جي ماليت پنجويه لک آهي چوري ٿي ويون مون سويوديرو ٿاڻي تي روپوش ڏوهاري شيرل عرف شيري سهتو ولد قادر بخش عرف ڪانڌيرو ۽ حفيظ ولد رجب سهتو خلاف رپورٽ داخل ڪرائي ايس ايڇ او سويوديرو عبدالجبار ميمڻ چورن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ ڪجھ عيوضي گرفتار ڪيا پوءِ مون کي گهرائي چيو ته هي عيوضي آهن توکي پندرهن ڏينهن ۾ چوري پيري ڏيندا ۽ فيصلو ڪرين گذريل رات ساڳيا چور منهنجو ڏيڍ لک جي ماليت جو موٽر ۽ ٽري فيس تار ٽي سو ميٽر چوري ڪري ويا آهن اسان پيرا ڪڻي چورن جي گهر اندر پيرچڙي سويوديرو ٿاڻي تي وياسين ايس ايڇ او سويوديرو عبدالجبار ميمڻ ڏوهارين جو سرپرست لاءِ تيار نه آهي انهن ڏوهارين ڪيتر آهي جيڪو مون سان انصاف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي انهن ڏوهارين ڪيترن ماڻهن ڪان موٽرسائيڪلون پڻ ڦر ڪيون آهن ۽ روپوش آهن ڏوهارين خلاف سويوديرو پوليس ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي رهواسين چتاءُ ڏنو ته اگر اسان جون چورايل سامان واپس نه ٿيو ته اسان نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسون ۽ علائقي ۾ خون ريزي ٿي ته سويوديرو پوليس جو عملدار زميوار هوندا ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌڊي آءِ جي سکرايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ٿيل چوريون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 27

جي اپگريڊيشن واري جاري ترقياتي ڪم جو دورو ڪري جائزو ورتو ان موقعي تي ريلوي جي مختلف شعبن جا آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا ڊي ايس ريلوي جو چوڻ هو ته روهڙي ريلوي اسٽيشن پاڪستان ريلوي جو اهم ترين جنڪشن آهي، جتان ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن ويندڙ ريل گاڏيون گذرن ٿيون. سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت جي گڏيل مشاورت سان اسٽيشن جي جديد تعمير ۽ سهولتن جي بهتري لاءِ منصوبو جوڙيو ويو آهي جنهن تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن منصوبي جو مقصد روهڙي ريلوي جنڪشن کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ ۽ مسافرن کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ترقياتي ڪم جي معيار ۽ رفتار تي نظر رکي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

ي وڃي رهي هئي. واقعي بعد ريلوي پوليس فوري طور زخمي عورت کي سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو، جتي سندس علاج جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 29

ي ريلي ڪڍي وئي. ريلي اسٽيشن چوڪ کان شروع ٿي مختلف رستن کان ٿيندي المدينا چوڪ تي پهتي. جتي شرڪت ڪندڙن قومي ڪارڪنن جي آزاديءَ لاءِ نعريبازي ڪندي گمشدگين خلاف سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي مظاهرين مطالبو ڪيو ته گم ڪيل قومي ڪارڪنن کي جلد آزاد ڪيو وڃي ۽ سندن وارثن کي بيچينيءَ مان نجات ڏياري وڃي.

نمائندا گهرجن

هرخبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

باھ ۾ هڪ گهر جا پنج ڀاتي فوت ٿيڻ تي واپاري ايسوسيئيشن جي نائب صدر طرفان وفد سميت تعزيت

انهن معصوم ٻارن جي ڪي ٽي مهينن جو راشن ۽ 65هزار ڪيش رقم ڏني باقي ڏانو ڏاندل سونڊر موڪئي اجروئي وڃي

اتي انهي واقعي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي خاندان سان تعزيت ڪئي ۽ هڪ مهيني جو راشن ڏنو هي پوسٽ رکڻ جو مقصد جيڪو بورڊر ۾ جنهن گهر جا پنج ڀاتي فوت ٿيا آهي

انتهائي غريب آهن ۽ پويان ننڍا معصوم ٻلن جهڙا ننڍڙا ٻار آهن انهي جي مدد جي لاءِ سنڌ حڪومت سرهندي وارن دوستن کي اپيل ڪجي ٿي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) اسلامڪوٽ واپاري ايسوسيئيشن اسلامڪوٽ جي وفد طرفان ڏاني ڏاندل واري ايمبولينس ۾ لڳل باھ ۾ هڪ گهر جا پنج ڀاتي فوت ٿيڻ تي واپاري ايسوسيئيشن جي نائب صدر محسن لنجو آتم لڇ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ٻارڻ برادري جي هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ اڳوڻي يوسي ناظم چار وڏيري محمد خان ٻارڻ کي برادري جي پڳ ٻڌائي وئي

تقريب ۾ ٻارڻ برادري جي معززين، بزرگن، نوجوانن ۽ سوين ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري برادري جي اتحاد، اتفاق ۽ ڀائيچاري جو ڀرپور اظهار ڪيو

پروگرام ۾ برادري جي ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت سبب تقريب کي خاص اهميت حاصل رهي

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سڄاول پرسان يوسي ڪامارو جي ڳوٺ غلام قادر ٻارڻ. جنهن کي مونجهڙي پڻ سڏيو وڃي ٿو ان ۾ ٻارڻ برادري جي هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اڳوڻي يوسي ناظم چار وڏيري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

(ڳڙهي خيرو تعلقي ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف!

پبلڪ هيلٿ، روڊس، ورڪس اينڊ سروسز جي ڪمن ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي

من پسند ٺيڪيدارن پاران مبينا طور منظور ٿيل ڪمن جي جاءِ تي ڪتي به ڪم نظر نٿو اچي، علائقي واسين جي دعوا

ڳڙهي خيرو) رپورٽ مختيار ڏاهاڻي (ڳڙهي خيرو تعلقي ۾ ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف! ڳڙهي خيرو تعلقي لاءِ منظور ٿيل روڊ، رست/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

چام شوري جي صحافي باريجا پائرن سان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي ريلي

صحافين ۽ يونين آف جرنلسٽ ٽنڊو محمد خان پاران پريس ڪلب بلڙي شاه ڪريم کان احتجاجي ريلي ڪڍي شهيد بلو ڀنور چوڪ تي مظاهرو ڪيو ويو

اڳواڻن پاران ايس ايس پي جا م شورو تي جانبداري جو الزام هڻندي ڪيس هٽائڻ سميت دلشير برفت جي قتل جي عدالتي جانچ جو مطالبو ڪيو ويو

رانا اطهر ناز نورل خاصخيلي عبدالجبار جمالي ۽ ٻيا گڏ هئا جيڪي ڪوٽڙي جي صحافي پائرن سان انصاف جو مطالبو ڪري رهيا هئا

بلڙي شاه ڪريم (رپورٽر)چام شوري جي صحافي باريجا پائرن سان پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب بلڙي شاه ڪريم جي صحافين ۽ يونين آف جرنلسٽ ٽنڊو محمد خان پاران پريس ڪلب بلڙي شاه ڪريم کان احتجاجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

مٺي چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينيٽر روبينه خالد جي صدارت ۾ گڏجاڻي

سينيٽر ڪرشنا ڪولهي ضلع جنرل سيڪريٽري سشيل ڪمار ملاڻي درشن ڪمار ملاڻي ويرجي ڪولهي شرڪت ڪئي

گڏجاڻي ۾ ٿرپارڪر ضلع جي مستحق عورتن کي وڌيڪ سهولت مهيا ڪرڻ جي حڪمت عملي بابت ڳالهيون ٿيون

ايمني مهراج ڪندن مالهي اشوڪ چوهاڻ پريو ڀيل رزاق سميجو حفيظ سميجو غني لنگهو ديپڪ شرما سچن واسوءِ ٻيا موجود هئا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)مٺي چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينيٽر روبينه خالد جي صدارت ۾ دربار هال ڊي سي آفيس ٿرپارڪر ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ پيپلزپارٽي ميرپورخاص ڊويزن صدر ايم اين اي ڊا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

گمبٽ هيلٿ سٽي منصوبو نه صرف سنڌ پر سڄي پاڪستان لاءِ عظيم تحفو

گمبٽ جنهن کي ڪڏهن هڪ ننڍڙو قصبو سمجهيو ويندو هو، اڄ پاڪستان جي نقشي تي صحت جي حوالي سان سڀ کان روشن مقام ٺاهي چڪو آهي

گمبٽ هي منصوبو تقريباً ٽن سالن اڳ ان وقت سامهون آيو، جڏهن بلاول ڀٽو زرداري گمبٽ ۾ لنگ ٽرانسپلانٽ سينٽر جو افتتاح ڪيو

ان موقعي تي گمس گمبٽ جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي به ساڻس گڏ هو انهي تقريب ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ جنهن کي ڪڏهن هڪ ننڍڙو قصبو سمجهيو ويندو هو. اڄ پاڪستان جي نقشي تي صحت جي حوالي سان سڀ کان روشن مقام ٺاهي چڪو آهي ان جو سبب آهي گمبٽ هيلٿ سٽي منصوبو جيڪو پاڪس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪوٽڙي جي صحافي عظيم باريجو ۽ سندس ڀاءُ سان ڪورٽ جي احاطي ۾ حملو

گرفتارين ۽ گهرن تي حملن ۽ پوليس پاران گهر ۾ گهڙي عورتن سان بدتميزي ڪرڻ جي واقعي خلاف عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ تي احتجاج

عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ تي ريجنل يونين آف جرنلسٽ پاڪستان تعلقه گمبٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

علي نواز جوڻيجو علي بخش گوپانگ نظر حسين سهتو لال خان مري شوڪت آرائين مسڪين شيخ سميت صحافين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گمبٽ (رپورٽر ر) ڪوٽڙي جي صحافي عظيم باريجو ۽ سندس ڀاءُ سان ڪورٽ جي احاطي ۾ حملو ۽ گرفتارين ۽ گهرن تي حملن ۽ پوليس پاران گهر ۾ گهڙي عورتن سان بدتميزي ڪرڻ جي واقعي خلاف عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

جنگشاهي روڊ ڀرسان چاڙهي وٽ درگاه حضرت سيد گل حسن شاه شيرازي جي سالياني عرس مبارڪ

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مڪلي لڳ مڪلي/ جنگشاهي روڊ ڀرسان چاڙهي وٽ درگاه حضرت سيد گل حسن شاه شيرازي جي سالياني عرس مبارڪ ۾ منعقد ڪيل محفل واعظ ۾ درگاه حضرت امير شاه جيلاني جو خدمتگار جامع مسجد جو خطيب حافظ صدام حسين جوکيو، مولوي حافظ علي حسن هاليچي وارا، حافظ ممتاز ناريجو ۽ مولوي محمد يامين ناريجو جن واعظ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

حق موجود
سدا موجود
عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ
AWAMI MEDIA PRESS CLUB
AWAMI MEDIA PRESS CLUB GAMBAT

گمبٽ پرسان ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ 200 سالن کان ويٺل گلال برادري جا اي سي سوڀوديرو پاران امڪاني گهر ڊاهڻ خلاف احتجاج

گمبٽ لڳ ڳوٺ وڏا لاڪا جي گلال محلا ۾ 200 سالن کان رهون ٿا، ڳوٺ جا بااثر ڳوٺ مان لڏائڻ چاهين ٿا

اسين غريب شريف ماڻهون بااثر لڏائي ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا اسان وٽ زمين جا مڪمل دستاويز به موجود آهن

گمبٽ (رپورٽر ر)گمبٽ پرسان ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ 200 سالن کان ويٺل گلال برادري جا اي سي سوڀوديرو پاران امڪاني گهر ڊاهڻ خلاف گلال برادري جي ماڻهن، اديبن شاعرن، شهرين، قومپرستن جو احتجاج مظاهرو ڪري احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ورتي.. گمبٽ لڳ ڳوٺ وڏا لاڪا جي گلال محلا ۾ 200 سالن کان رهون ٿا، ڳوٺ جا بااثر ڳوٺ مان لڏائڻ چاهين ٿا. اسين غريب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

بلاول ودهيو پاران ڪزن ۽ نامعلوم ماڻهن خلاف ڌمڪيون، حملي ۽ هراسان ڪرڻ جا الزام، تحفظ جي اپيل

7 نومبر 2026 ع تي بندر روڊ ٽرمل جي ويجهو الله بخش ودهيو ٻن نامعلوم ماڻهن کي ڪيس مارڻ لاءِ پئسا لڳايو ۽ حملو ڪرايو

الله بخش ودهيو ڪافي عرصي کان ڪيس ڌمڪيون ۽ هراسان ڪندو رهيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي رهواسي آغا رفيق حسين ڪالوني، نزد بهار ڪالوني ۾ رهندڙ پرائيويٽ ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ بلاول ودهيو پنهنجي ڪزن الله بخش ودهيو ۽ نامعلوم ماڻهن خلاف قتل جون ڌمڪيون ڏيڻ، حملو ڪرڻ ۽ هراسان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

قوم جي بابا جي خود انحصاري ۽ جدوجهد جو فلسفو هر فرد، خاص طور تي معذورن لاءِ روشني جو ڏيک آهي: پرويز علي سولنگي

قوم جي بابا جي خود انحصاري ۽ جدوجهد جو فلسفو هر فرد، خاص طور تي معذورن لاءِ روشني جو ڏيک آهي

علامه اقبال هميشه خود اعتمادي، همت ۽ مسلسل جدوجهد جو سبق سيکاريو

سکر(بيورو چيف محمد قاسم ملڪ)سنڌ ۾ هڪ مشهور سماجي اڳواڻ پرويز علي سولنگي، جيڪو معذور ماڻهن (خاص ماڻهن) جي حقن ۽ ڀلائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڪوهستان ۾ انڙ ۽ بروهي برادري وچ ۾ زمين جي دنگ جو تڪرار، جنگشاهي جي معززن پاران جائزو

يوسي ڪوهستان سٽ ياڳي چار ۾ ڳوٺ سبزعلي بروهي ويجهو انڙ ۽ بروهي برادري وچ ۾ زمين جي دنگ جو معاملو سامهون آيو

بشير احمد جوکيو ۽ ضلعي ڪائونسل ميمبر حسن علي عرف پورو جوکيو جي موجودگي ۾ ٻنهي ڌرين جو موقف ٻڌو ويو

جنگشاهي:(رپورٽر) جنگشاهي يوسي ڪوهستان ۾ انڙ ۽ بروهي برادري وچ ۾ زمين جي دنگ جو تڪرار، جنگشاهي جي معززن پاران جائزو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڌيءُ جي طلاق بعد مخالفن هٿيارن جي زور تي گهر تي قبضو ڪري ڊاهي ڇڏيو

انصاف لاءِ پيرسن پورهيت پاڪ ڪتاب کڻي دادو پريس ڪلب پهچي ويو

ميهڙ ۾ گهر ۽ پلاٽ تي قبضي خلاف پيرسن منور علي جانوري جو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ميهڙ جي شفيع محمد ڪالوني ۾ سڳاوتي تڪرار تان گهر تي مبينا قبضي ۽ گهر ڊاهڻ خلاف پيرسن پورهيت منور/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ٻن گروپن وچ ۾ جهيڙي جو تاثر غلط

ڪجهه شرپسند پاڻ کي وڏو فلاسفر جيڪي خون کي ايڪسيڊنٽ ايڪسيڊنٽ کي خون ڄاڻائيندا رهندا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٻن گروپن وچ ۾ جهيڙي جو تاثر غلط. ڪجهه شرپسند پاڻ کي وڏو فلاسفر جيڪي خون کي ايڪسيڊنٽ ايڪسي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پيپلزپارٽي ضلع جنرل سيڪريٽري سشيل ڪمار ملاڻي چيلهار شهر پهتو

اڳوڻي ٽائون وائيس چيئرمين ڪرمچند مينگهواڙ جي نوجوان پٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

چيلهار شهر ۾ پيتو مينگهواڙ جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) پاڪستان پيپلزپارٽي ميرپورخاص ڊويزن صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پيپلزپارٽي ضلع جنرل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ٽرسٽيزن فورم ڏڪار متاثرين جي مالي امداد بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ڪرڻ واري سنڌ حڪومت جي فيصلي کي رد

اربين روپين واري رائلٽي جي رقم ڏڪار ي مستقبل حل ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ خرچ ڪرڻ جو مطالبو

عظمي ابڙينگ، اعجاز بجير، ساجن چارو، قربان سميجو، جي ايم سونهاراڻي ۽ ٻين هنگامي ردعمل

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٽرسٽيزن فورم ڏڪار متاثرين جي مالي امداد بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ڪرڻ واري سنڌ حڪومت جي فيص/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

شهيد پٽ جي رت سان ٿهيل حڪومت ۾ به وارث بيروزگار ۽ دربدر

18 سالن کان انصاف لاءِ واجهائي رهيو آهيان: لالا عبدالستار قريشي

شهيد شاگرد شاهجهان قريشي جي والد جو دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) 2008 ع ۾ ”جيئي ڀٽو“ جو نعرو هڻڻ تان شهيد ٿيل شاگرد شاهجهان قريشي جي والد لالا عبدالستار قريشي داد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو پريس ڪلب ضلع دادو

جنگشاهي ۾ مبينا طور عورتن کي هراسان ڪرڻ، گهرن ۾ زبردستي داخل ٿيڻ تي ڇڪتاڻ

رات جي وقت گهرن ۾ داخل ٿيڻ ۽ هڪ نياڻي سان مبينا زيادتي جي الزام هيٺ جيل ڀوڳي چڪو آهي

سندس ڀاءُ آڪڙا پرچي جوا جو اڏو هلائيندڙ وحيد مراد جي پٺڀرائي سبب ڪيس ٻيهر ڳوٺ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني وئي آهي

جنگشاهي:(رپورٽر) جنگشاهي ڳوٺ سبزعلي بروهي ۾ مبينا طور عورتن کي هراسان ڪرڻ، گهرن ۾ زبردستي داخل ٿيڻ ۽ چادر ۽ چوديواري جو تق/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڳوٺ شوڪت جوکيو ۾ 9 نومبر عام موڪل واري ڏينهن هجڻ باوجود چوپائي مال جي بيمار ٿيڻ واري اطلاع

جانورن جي پالنا کاتي ٺٽي جي ٽيم ڊاڪٽر نيل ڪمار، ابراهيم پليجو، منظور برڙو ۽ حبيب الله بروهي پهتو

چوپائي مال کي مختلف وچرندڙ بيمارين کان بچاءُ جي ويڪسين ڪري بيمار جانورن جو علاج پڻ ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گجو لڳ ڳوٺ شوڪت جوکيو ۾ 9 نومبر عام موڪل واري ڏينهن هجڻ باوجود چوپائي مال جي بيمار ٿيڻ واري اطلاع تي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ٺٽي جي ڪوهستاني قديمي ڳوٺن توڙي زمين تي بااثر ماڻهن پاران ڪيل والار توڙي ليزن خلاف احتجاج

اسان جي ابن ڏاڏن جون قديمي ڪوهستاني زمينون ۽ ڪيٽ موجود آهن

جنهن تي بااثر شخص ماجد حسين نوناري ليز ڏيکاري قبضو ڪرڻ چاهي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي ڪوهستاني قديمي ڳوٺن توڙي زمين تي بااثر ماڻهن پاران ڪيل والار توڙي ليزن خلاف ڇتوچنڊ لڳ ڳوٺ حاجي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

شاهپور درپور ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيندڙ رستم ڪوسو جي قتل وارو معاملو

سندس وارثن جو طاهر ڪوسو صالع ڪوسو ۽ معشوق ڪوسو جي اڳواڻي ۾ اوڏيرو لال اسٽيشن صالع شاهموري تي ٽنڊو آدم وايا اوڏيرو لال روڊ بندي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

غلام رسول ڪوسو سندس پٽ نادر ڪوسو ۽ جيڪي نصرپور جا رهواسي آهن جنهن اڄ اسان تي حملو ڪري موبائيل فون موٽر سائيڪل ڦري ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي

جيڪي اسان کي مسلسل ڌمڪيون ڏيندا رهيا آهن هن حوالي سان پوليس کي پڻ آگاهه ڪيو آهي پر پوليس انهن جي خلاف ڪارروائي لاءِ تيار ناهي

اوڏيرولال (رپورٽ غلام نبي چنو)شاهپور درپور ٿاڻي جي حد ۾ قتل ٿيندڙ رستم ڪوسو جي قتل وارو معاملو سندس وارثن جو طاهر ڪوسو صالع ڪوسو ۽ معشوق ڪوسو جي اڳواڻي ۾ اوڏيرولال اسٽيشن صالع شاه موري تي ٽنڊوآدم وايا اوڏير/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

سکر: انجمن واپارين نمڪ بازار لياقت چوڪ جي نئين چونڊيل ڪابينا جي حلف برداري تقريب

تقريب ۾ حاجي هارون ميمڻ، باني ۽ قائد آل سکر ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز ۽ صنعان اسلام شيخ، بي او ڊي ميمبر سيپڪو خاص شرڪت ڪئي

نئين چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو ان موقعي تي آل سکر اسمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز جي ڪابينا پڻ شرڪت ڪئي

عبدالرشيد قريشي، جنرل سيڪريٽري جنيد شيخ، ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري عبدالهادي بندهاني ۽ فنانس سيڪريٽري عرفان قريشي شامل هئا

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) انجمن واپارين نمڪ بازار لياقت چوڪ سکر جي نئين چونڊيل ڪابينا جي حلف برداري جي پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ واپارين، ڪاروباري شخصيتن ۽ معزز مهمانن شرڪت ڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

نمک بازار لیاقت چوک کی نو منتخب کابینہ کی تقریب حلف برداری - عہدیداران کا حاجی ہارون میمن سے اظہار یکجہتی

ٻن ملڪن کان سياحن جو وفد موهن جو دڙو پهتو، ميوزيم اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا جو دورو

ان موقعي تي وفد ميوزيم اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا ۾ تهذيبي ۽ تاريخي آثارن جو دورو ڪيو

هنن جرمني ۽ اٽلي ۾ قديم تهذيب موهن جو دڙو ۽ هڙاپا بابت لٽريچر پڙهيو آهي

ڏوڪري (رپورٽر) ٻن ملڪن کان سياحن جو وفد موهن جو دڙو پهتو، ميوزيم اسٽوپا گريٽ باٿ، ڊي ڪي ايريا جو دورو، تفصيل موجب سنڌ جي قديمي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ماتلي جي فضل آباد ڪالوني ۾ واپڊا ملازم پاران ڪنڊا مافيه 50 هزار روپين عيوض ٽرانسفارمر وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف

ماتلي جي فضل آباد ڪالوني ۾ واپڊا جي هڪ راشي ملازم پاران ڪنڊا مافيه کي 50 هزار روپين عيوض ٽرانسفارمر وڪرو ڪري ڏنو ويو

بئلنس پورو ڪرڻ لاءِ وري ميٽر رکندڙ صارفين تي غيرقانوني ڊڊيڪشن لڳائي وڃي ٿي رهواسي

ڪنڊا مافيه ٻه هزار روپين کان پنجويه سئو روپين عيوض ڪنيڪشن لڳائي ڏين ٿا ٽرانسفارمر تي وڌيڪ لوڊ اچڻ سبب ڪجهه ڏينهن بعد ئي ٽرانسفارمر سڙي ٿو وڃي

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جي فضل آباد ڪالوني ۾ واپڊا ملازم پاران ڪنڊا مافيه 50 هزار روپين عيوض ٽرانسفارمر وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ميٽر رکندڙ صارفين پريشان تفصيل موجب ماتلي جي فضل آباد ڪالوني ۾ واپڊا جي هڪ راشي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان ميڊم روبينا خالد ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ ۾ هڪ اهم اجلاس

پاڪستان پيپلز پارٽي جو انفارميشن سيڪريٽري گهنشام داس ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار ۽ شخصيتون شريڪ ٿيون

ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ اعجاز احمد جتوئي اجلاس کي ضلعي عمرڪوٽ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت جاري قدمن ۽ مستحق ماڻهن جي رجسٽريشن بابت بريفنگ

ضلعي عمرڪوٽ ۾ مجموعي طور تي 114,737 عورتون بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ رجسٽرڊ آهن

ڪنري (رپورٽ ذولفقار ڀٽي.) چيئرپرسن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام پاڪستان ميڊم روبينا خالد ڊپٽي ڪمشنر آفيس عمرڪوٽ ۾ هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس ۾ سينيٽر پونجومل ڀيل، پارلياماني سيڪريٽري تا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

راڻيپور لڳ ڳوٺ عليداد منگنيجو واسين جو چوري واقعي خلاف احتجاج

تقريبن ٻه مهينا اڳ منهنجون پنجويه لک جون پلوڙ نسل جون پنج ٻڪريون چوري ٿي ويون: متاثر

ايس ايڇ او سوڀوديرو عبدالجبار ميمڻ چورن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ ڪجهه عيوضي گرفتار ڪيا

ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ٿيل چوريون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

راڻيپور :(رپورٽر) راڻيپور لڳ ڳوٺ عليداد منگنيجو جي رهواسين وڏيرو علي رضا منگنيجو عبدالرزاق ڪريم بخش ولي محمد سبحان منير طالب حسين رياض عبدالستار محمد مراد گلشير منگنيجو ميڊيا وارن اڳيان احتجا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اپگريڊيشن ڪم جو جائزو، ڊي ايس ريلوي سکر ڊويزن جو دورو

روهڙي ريلوي اسٽيشن پاڪستان ريلوي جو اهم ترين جنڪشن آهي، جتان ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن ويندڙ ريل گاڏيون گذرن ٿيون

سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت جي گڏيل مشاورت سان اسٽيشن جي جديد تعمير ۽ سهولتن جي بهتري لاءِ منصوبو جوڙيو ويو آهي

منصوبي جو مقصد روهڙي ريلوي جنڪشن کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ ۽ مسافرن کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ريلوي اسٽيشن جي اپگريڊيشن ڪم جو جائزو، ڊي ايس ريلوي سکر ڊويزن جو دورو تفصيل موجب عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ ريلوي سکر فرمان علي پناڻ روهڙي ريلوي اسٽيشن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ميرپورخاص کان ڪراچي ويندڙ شاهه لطيف ايڪسپريس ۾ چڙهڻ جي ڪوشش دوران عورت جو پير ٽرين هيٺ اچي ويو، زخمي

جنهن سبب سندس پير ٽرين هيٺ اچي ويو ۽ هوءَ سخت زخمي ٿي پئي، زخمي عورت جي سڃاڻپ شهربانو زال انور سومرو، رهواسڻ ڳوٺ پٺاڻيون طور ٿي آهي

جيڪا ڪراچي وڃي رهي هئي، واقعي بعد ريلوي پوليس فوري طور زخمي عورت کي سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو، جتي سندس علاج جاري

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ريلوي اسٽيشن جي ڇوٽين پليٽ فارم تان ڪراچي ويندڙ شاهه لطيف ايڪسپريس ٽرين ۾ چڙهڻ جي ڪوشش دوران 40 کان 45 ورهين جي عورت ڪري پئي، جنهن سبب سندس پير ٽرين هيٺ اچي ويو ۽ هوءَ سخت زخمي ٿي پئي. زخمي عورت جي سڃاڻپ شهر بانو زال انور سومرو، رهواسڻ ڳوٺ پٺاڻيون طور ٿي آهي. جيڪا ڪراچ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪوٽڙي ۾ قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين خلاف احتجاجي ريلي

شرڪت ڪندڙن قومي ڪارڪنن جي آزاديءَ لاءِ نعريبازي ڪندي گمشدگين خلاف سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو

گم ڪيل قومي ڪارڪنن کي جلد آزاد ڪيو وڃي ۽ سندن وارثن کي بيچينيءَ مان نجات ڏياري وڃي: مطالبو

جامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين خلاف جسقم جي احتجاجي ريلي. ڪوٽڙي: سنڌ مان ڪنهي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزاديءَ لاءِ جسقم جي مرڪزي اڳواڻ عبدالفتاح چنا جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29